
ڪامريڊ
هوچي منهه
زان لاڪوتيور
ايشور لال سُوجاڻي
پارڪر

# ڪامريڊ هوچي منھ

## (شخصيت ۽ جدوجهد)

زان لاڪو تيور

ايشور لال سوجاٽي

پارڪر پبليڪيشن آڏيگام_ ٿرپارڪر

2019ع

ڊجيٽل ايڊيشن:

2019ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# ارپنا

هر ان باضمير شخص جي نانءُ
جيڪو غلامي کان نفرت ڪري ٿو
۽ مزاحمت ڪندڙ آهي.

[سنڌيڪار]

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **"ڪامريڊ هوچي منهه (شخصيت ۽ جدوجهد)"** اوهان اڳيان پيش آهي. ويٽنام جي انقلاب جي هيرو هوچي منهه جي شخصيت ۽ جدوجهد بابت لکيل هن ڪتاب جو ليکڪ **زان لاڪو تيور** آهي جنهن جو سنڌي ترجمو **ايشور لال سوجاٽي** ڪيو آهي. هو لکي ٿو:

هي ننڍڙو ڪتابڙو، انقلابِ ويٽنام جي روشن ستاري ڪامريڊ هوچي منهه جي وسيع زندگي ۽ جدوجهد جو وچور آهي، جيڪو منهنجي خيال ۾ هر محڪوم وجود ڪي فولادي بنائڻ جي سگهه رکي ٿو، زندگي گذارڻ جو گس ڏيکاري ٿو. ڪامريڊ هوچي جي 55 سالن جي ڏکهي انقلابي جدوجهد جو هڪڙو عظيم باب، هن ڪتاب منجهه تحرير ٿيل آهي.

هي ڪتاب **پارڪر پبليڪيشن آڏيگام، ٿرپارڪر** پاران 2019ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون ايشور لال سوجاٽي جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ سنڌ سلامت ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سنڌيڪار پاران

جڏهن ڪان انقلابي هوائن سان پريت لڳي آهي، انهيءَ ڏينهن ڪان پراڻيون مدي خارج سوچون لهندڙ سج جيان الوپ ٿي وڃڻ سان گڏ، اها بہ خواهش هر وقت دل ۾ جرڪندي رهندي آهي، تہ ديس جو هر باشندو انقلابي هوائن منجهہ پساهہ کڻي، ڪاري اونداهين کي شڪست ڏيئي، روشن سج ڏانهن پنڌ ڪري، تہ جيئن اداس ديس جو چهرو مرڪي پوي.

انهي سلسلي ۾ آئون سدائين ادبي ۽ انقلابي ڪمن ڪارن طرف مائل ٿيندو رهيو آهيان. جيئن تہ ڪتاب، منهنجا انقلابي ساٿي رهيا آهن، تنهنڪري منهنجي اها ڪوشش رهندي آهي تہ، پنهنجي مصروف جيون مان ڪي گهڙيون ڪتابن کي ڏيان، جن مون کي هڪڙي سڃاڻپ ڏني آهي، تہ هن سنسار منجهہ منهنجو بہ ڪو وجود پساهہ کڻي ٿو.

ڪتابن سان هن رشتي کي ڏسي، منهنجو محبوب دوست ۽ استاد سليم جمالي، مون کي هر مرحلي تي تحريرون لکڻ طرف پڻ اتسائيندو رهندو آهي. سو گذريل هڪ سال کان، آئون پڙهڻ سان گڏ، لکڻ طرف بہ سفر ڪري رهيو آهيان. منهنجو هي ترجمو انهي سلسلي جي هڪڙي ڪڙي آهي.

هي ننڍڙو ڪتابڙو انقلابِ ويٽنام جي روشن ستاري ڪامريڊ هوچي منھ جي وسيع زندگي ۽ جدوجھد جو وچور آهي، جيڪو منهنجي خيال ۾ هر محڪوم وجود کي فولادي بنائڻ جي سگهہ رکي

ٿو. زندگي گذارڻ جو گس ڏيکاري ٿو. ڪامريڊ هوچي جي 55 سالن جي ڏگهي انقلابي جدوجهد جو هڪڙو عظيم باب، هن ڪتاب منجهه تحرير ٿيل آهي. مون کي اميد آهي ته هي ڪتاب نوجوان نسل ۾ اتساهه جو باعث بڻجندو. نوجوان نسل پنهنجون ڏگهيون سوچون هن ڪتاب تي کپائي، پنهنجي من کي انقلابي پاٺي ڏيئي، انقلابي راهن طرف پنڌ ڪندا، ته جيئن محڪوم ديس جو ڪومايل چهرو مُرڪي پوي.

آخر ۾ آئون ڪامريڊ سليم جمالي جو ٿورائتو آهيان، جنهن ترجمي دوران منهنجي رهنمائي ڪئي ۽ پنهنجي ڏگهي زندگي جو هڪڙو انمول، نفيس ۽ خوبصورت باب پڻ ونڊيائين. جيڪو هن ڪتاب ۾ بطور مهاڳ شامل آهي. ڪامريڊ ارجڻ ڪمار، مورو مل، امير علي گاڏهي، اظهر علي گاڏهي (ڏوڪري)، ظفر علي گاڏهي (ڄامشورو)، پرديپ ڪمار پيل ۽ ڪستورچند ويرماڻي جو به ٿورائتو آهيان، جيڪي هن ڪتاب کي شايع ڪرائڻ ۾ اڳ کان به اڳڀرا رهيا. اميد ته منهنجو انقلابي پورهيو محڪوم طبقي جي ساٿين کي پسند ايندو.

**ايشور لال سُوجاڻي**

آڏيگام_ ٿرپارڪر

0333_3897754

14 مارچ 2019ع

# قصو هوچي منهه سان سنگت جو

ٻيلي! پنهنجا پاڙ ۾ آهيون. سو دل چوي ٿي، ته اڄوڪي هن رهاڻ ۾ دل جون ڳالهيون ڪجن. پراڻيون يادون تازيون ڪجن. هونئن به پراڻي سنگت، پراڻا ڪتاب ۽ پراڻي مڌ جو پنهنجو مزو هوندو آهي.

سو ڳالهه ڪجهه هيئن آهي ته اڄ ڪان ڳچ وقت پهرين، جڏهن آئون ڏهين درجي جو ڪتابي هئس. هائو! ڏهين درجي جو ڪتابي هئس. هي ڪيميسٽري، بايولاجي ۽ هي فزڪس، اهي ٽيئي ڪتابڙا، مون کي برزبان ياد هوندا هئا. هائو هائو، برزبان ياد هوندا هئا. پر دل جي ڳالهه اها آهي ته پاڙ کي ذري جي خبر ڪونه هئي، ته ڏتڙيل ماڻهن به آسمان فتح ڪيا آهن. دنيا جي ڳورپٽن، مانگرمڇن ۽ وحشي بگهڙن جي چيلهن ۾ ٻڪ وجهي، جاننا هڻي، عبرتناڪ شڪستون ڏيئي، پنهنجون حڪومتون قائم ڪيون آهن، ۽ نه ئي پنهنجي بغاوت، چوٽڪاري ۽ انقلاب سان ڪا گهاٽي سنگت هئي.

عجيب دور هو. بس پنهنجي ذهن ۾ انگريزن پاران اڇلايل اهي ئي ردي ڪتاب هئا، جيڪي گهوٽي پيئي چڙيا هئا، باقي ڪُل خير. ڪا سُڌ ئي ڪونه هئي، ڪا پرک ئي ڪونه هئي.

ٻيلي! ڳالهه اٿئو صاف، اڄڪلهه پنهنجي سوچ اها آهي ته پاڙ وارن اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ پڙهايو ويندڙ سائنسي

نصاب، مدي خارج نصاب تي چڪو آهي. دنيا اندر هن سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ واري نصاب جي ٽڪي برابر حيثيت ڪونهي. دنيا سائنس جي ميدان ۾ وڏيون ڇلانگون ڏيئي چڪي آهي. دنيا! ٽين دنيا جي ماڻهن جي تصورن کان اڳتي نڪري چڪي آهي. دنيا جي سائنسي ميوزمن ۾ پيل ڪچري کي، اسان وٽ سائنس چيو ويندو آهي.

شايد اهو ئي سبب آهي تہ اسان وارن تعليمي ادارن مان سائنسدان، ڏاها ۽ اديب رضوي کو ايڪڙ ٻيڪڙ نڪري ٿو نہ تہ رڳو گڏهن جا ولر نڪري رهيا آهن. جن کي ڏسي رومي جهڙو روح رکندڙ ماڻهو جي اندر مان دانهن نڪريو وڃي:

”حيوانن کي ڏسي، بيزار ٿي پيو آهيان،

هاڻي ماڻهو ڏسڻ چاهيان ٿو.“ (رومي)

هائو، مون اها ئي ڳالهہ پئي ڪئي تہ سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ واري مدي خارج نصاب جي رسمي تعليم (Formal Education) جا ردي ڪتاب رٽڻ کان پوءِ، مون وارو انساني شعور ڊپ تي پيل هو. بس ذهن تي هڪڙو ئي ڀوت سوار هوندو هو، تہ ڊاڪٽر ٿيڻو آهي، سيون هڻندي هڻندي، چار ٽپڙ ٿاهي، ڪتي جيان مري وڃڻو آهي.

هن پيٽ پرست سماج ۽ مدي خارج اسڪولي نصاب ذهن تي، جڻ اها ڪلي ٺوڪي ڇڏي هئي، تہ چار پئسا ڪمائڻ ئي زندگي آهي ۽ هن سوچ اشرف المخلوقات کي گڏهہ بڻائي ڇڏيو آهي.

بهرحال بيڙا پار ٿين، مون واري چاچي سائين الهبچايو جمالي جا، تنهن اوچتو منهنجي آڱر پڪڙي، مون کي مرزا شوگر ملز پرسان مير ڪونڌر ٽالپر جي اوطاق تي وٺي ويو. اتي رسول بخش پليجي صاحب جو ليڪچر هو. پليجو صاحب آيو. ڳالهائڻ شروع ڪيائين. اسان سڀ ڄڻا سندس طلسماتي گفتگو جي سحر ۾ وڪوڙجي وياسين. هو توري تڪي ۽ اٽل لهجي ۾ ڳالهائي رهيو هو. ڪنهن قلترو جيان ڏبي ۾ ٺڪريون ڪونه وڄائي رهيو هو. اسان سڀ خاموشي سان، سندس گفتگو جي اهم نقطن کي ڪاپي تي نوٽ ڪري رهيا هئاسين. وڏي ڳالهه اها ته اُها منهنجي انمول ۽ تاريخ ساز ڪاپي، اڄ به منهنجي ڪاٺ جي پيتي ۾ پيل آهي. سانجهي ٽاڻي اُٿياسين. مون کي ائين محسوس ٿيڻ لڳو هو، ڄڻ ڪنهن نئين جهان کان ٻاهر آيو آهيان.

واقعي! رسول بخش پليجو سنڌ وطن جو جينيئس ماڻهو هو. سندس شخصي قد ڪاٺ، علم، فهم ۽ اڪابريت جو ڪو مثال ئي نٿو ملي. پلي وڃي، سنڌ جي تاريخ جا پراڻا ورق اٿلايو. منهنجي هن ڳالهه تي، ڪنهن بغض خور، ساڙ باز ۽ منافق شخص کي ڇهنڊڙي لڳي، ته لڳڻ ڏيوس، باقي آئون انڪاري نٿو ٿي سگهان. حقيقت پڌري پٽ پئي آهي، ته هن جينيئس ڪردار سنڌين کي ڪن مان جهلي، ماڻهو بڻايو. قدامت پسند ۽ هالو چالو ريتن، روايتن ۽ تاريخ کي چيلينج ڪندي، هن فولادي ماڻهو نيون روايتون جوڙيون، نئين تاريخ جوڙي ۽ نئين سنڌ جوڙڻ لاءِ پنهنجي عظيم زندگي وقف

ڪري ڇڏي.

بهرحال، اهو سربستو احوال، ڪنهن ٻئي ڀيري . هتي مون اها ڳالهہ چوڻ پئي چاهي، تہ مير ڪونڌر جي اوطاق تي پليجي صاحب پنهنجي مخصوص عوامي انداز ۾، هڪڙي ڪمال جي ڳالهہ ڇئي، جيڪا ٻالڪپڻي واري وهيءَ ۾ منهنجي ذهن کي محبوب لڳي هئي. اها ڪجهہ هن ريت هئي تہ، ”هلڪي قد وارو سنهڙو ۽ ٽڪل هوچي منهہ، آمريڪا جهڙي زناور کي ٽوٽا چٻاڙي سگهي ٿو، تہ ڇا پاڻ ڏٽا موٽا، ڪا نئين تاريخ جوڙي نٿا سگهون؟!“

ائين ئي پليجي صاحب جي زباني، هن ننڍڙي جملي ذريعي منهنجو هوچي منهہ سان هڪڙو ننڍڙو تعارف ٿيو هو. منهنجي دل ۾ اُنس پيدا ٿي هئي، تہ هن منفرد نالي واري ڀائي جي شخصيت جو مطالعو ڪريان، تہ هن ڀائي دنيا جي سپر پاور طاقت کي ڪيئن شڪست ڏني هئي؟ ٻالڪپڻي واري وهيءَ هئي، جنهن ڳالهہ تي ڳنڍ ٻڌندو هئس، اها پوري ڪري پوءِ ڇڏيندو هئس. ٻئي ڏينهن سويل بسڪوٽن سان چانهہ پيئي، اسڪول وڃڻ بدران لڪ چوري ۾ چاچي جي ڪتب خاني مان هوچي منهہ تلاش ڪرڻ لڳس. ساهہ مٿ ۾ هو تہ متان چاچو سجاڳ نہ ٿي پوي، ڇاڪاڻ تہ چاچي جي سهي جهڙي ڪل ۽ ڪتابن تي پساهہ ڇڏيندو آهي. ڪتاب ڦلوريندي ڦلوريندي، نيٺ وڃي هوچي منهہ کي هٿ ڪيو. ڪتاب جو نالو هو. ”هوچي منهہ جي آتم ڪهاڻي“، ترجمو ڪندڙ: رسول بخش پليجو، ڇاپو: پهريون، سن: 1975ع.

واري ڪٺي ڪتاب ور ۾ وجهي، پنهنجي ڪمري ۾ ڪٺي آيس. انهي مهل ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيو. پليجي صاحب جهڙي عظيم مترجم جو ترجمو ۽ لڳ ڪاندارينڊڙ جدوجهد ڪندڙ فولادي ماڻهو جي آتم ڪهاڻي ڪي پڙهندي، ڪتاب منهنجي دل ۾ گهر ڪندي ويو. مون کي چڱي طرح ياد آهي، ته سمهڻي واري ٻانگ مهل وڃي ڪتاب پورو ڪيو. ڪتاب، ڄڻ منهنجي ذهن جي ٽيوننگ (Tuning) ڪري ڇڏي هئي.

منهنجي خيال ۾ هوچي منهه جهڙي فولادي ماڻهو جي شخصيت ۽ جدوجهد، هڏ حرام ماڻهو جي پاڙيائي تي ڦٽڪار وجهڻ جو بهترين وڪر آهي، جيڪو ماڻهو جي ذهن کي لوڏي ڌوڏي ٿو. سندس اکين ۾ پاڻي جا ڇنڊا هڻي کيس انقلابي راهه ڏسي ٿو. جتي جا هڙ ئي مسافر ڪونڌر ۽ انقلابي آهن.

انقلابي ماڻهن جون زندگيون عام ماڻهن لاءِ رول ماڊل هونديون آهن، جيڪي فرد جي ڪيميسٽري تبديل ڪري ڇڏينديون آهن. ان سان گڏوگڏ فرد جي وجود کي نئين معنيٰ ۽ افاديت بخشينديون آهن. آئون ته اها ڳالهه وڏي واڪ ڪندو آهيان، ته جيڪو رول ماڊل، پراڻي کي وڏيڪ پراڻو ڪري، اهو سماج کي قدامت پسندي جي اوڙاهه ۾ اڇلائيندو آهي ۽ جيڪو رول ماڊل پراڻي کي نئون ڪري، اهو ماڻهو ۽ سماج جي ترقي جا رستا ڏيکارينڊڙ هوندو آهي.

رسول بخش پليجي جهڙن ماڻهن جو وڏي ۾ وڏو ڪنٽريبيوشن اهو به آهي، ته هنن ماڻهن سنڌي قوم کي دنيا جي انقلابي ماڻهن سان

ملاقاتون ڪرايون. اهو ئي سبب آهي تہ سنڌي ماڻهن غلامي جهڙي گند مان پنهنجي جند ڇڏائڻ لاءِ چين، ويٽنام، روس، انگولا، ڪوريا ۽ چلي جا انقلاب ڳولي هٿ ڪيا. انهن انقلابن ۽ اتي جي رول ماڊلس مان اتساهہ ورتي، پنهنجي سڪل ناٿ وجود ۽ ذهن کي انقلابي پاڻي ڏنو. جيڪو سلسلو ڪافي وقت تائين هلندو رهيو. اوچتو هن سائيبر ايج جي طوفاني هوائن ۽ واچوڙن سڄي سماج جي بيهڪ، نفسيات ۽ ڪيميسٽري تبديل ڪري ڇڏي آهي. پراڻي انقلابي جنريشن کي وقت جون هوائون ڳڙڪائي ويون آهن، باقي رهي، پيءُ کي پاپا، امڙ کي ممي ۽ پٽ کي برياني چوندڙ جنريشن کي فيس بوڪ ڳڙڪائي ويو. .

هاڻي ماڻهن پنڌ ڪرڻ ڇڏي ڏنا آهن، ماڻهو ڪاهل بڻجي چڪو آهي. ماڻهو انفراديت جي زنجيرن ۾ جڪڙجي، ڪوڪلو بڻجي چڪو آهي. ايتري قدر جو امڙون پنهنجي ٻارن کي لولي ڏيڻ بدران پائوڊر وارو کير ڏيئي، کين ڪارٽون ٻڌجڻ جون هدايتون ڪنديون آهن. سڄي سماج جو جهڳو ئي جهڻ ٿي چڪو آهي. سچ پڇو تہ هاڻي اهي سحر انگيز داستان ۽ سحر انگيز طلسماتي شخصيتون اهو سحر طاري نٿيون ڪن، جيڪو 60، 70، 80ع واري ڏهاڪي ۾ لوساٽيل ڇهرن کي انقلابي جاننا هٽي، کين پهلوان بڻائي، ترار جي تاءُ سامهون مقابلا ڪرڻ جون همتون بخشينديون هيون.

پوءِ بہ، اڄ بہ دنيا جي هيٺن ماڻهن جون بغاوتون ۽ انقلاب محڪوم قومن ۽ فردن لاءِ راهہ مشعل آهن، ڇاڪاڻ تہ پيرن اگهاڙن

ماڻهن وٽ نجات جو هڪڙو ئي گس آهي، اهو آهي انقلاب. انقلابي ماڻهو ئي، تتل سج هيٺ پساهه ڪٽندڙ نبل ۽ هيسيل ماڻهن کي دلداريون ڏيئي، نيون زندگيون بخشي سگهن ٿا. باقي هڙ ئي مٿاڪُٽ بکئي پيٽ کي ٿيڪي هڻڻ برابر آهن، ٻيو مڙئي خير.

منهنجي هن ڳالهه جو بهترين دليل، مون واري ڪتابي ايشور لال سُوجاڻي جو ترجمو ڪيل هي ننڍڙو ڪتابڙو آهي. ڏسو ته سهي، ڪيئن هيڻن ماڻهن دنيا جي خوفناڪ بلائن سان مقابلو ڪري، پنهنجو وطن ۽ پنهنجي آزادي واپس ورائي ۽ پنهنجو نالو سورهيائي جي تاريخ ۾ سنهري لفظن ۾ لکرائي ڇڏيو. ڇڙوڇڙ بهادر ويٽنامين کي انقلابي نظرين سان اڏول ۽ منظم بڻائيندڙ جيڪو مڙس مٿير هو، تنهن جو نالو ڪامريڊ هوچي منهه هو جيڪو ڪين انقلابي ۽ منظم ڪرڻ لاءِ مارڪسي ليننيٽ راهه تي وٺي آيو ۽ انقلابي تنظيم ٺاهي ڏني، انهي انقلابي تنظيم هڪ بهادر قوم کي انقلابي ۽ منظم بڻايو. ايتري قدر جو ارڙ بلا اڳيان جيتامڙا وجود بندوقن جي آوازن تي رقص ڪرڻ لڳا هئا. بيشڪ ڪنهن غلام قوم کي هوچي منهه جهڙو محبوب ليڊر ملي پوي، ته اها قوم پنهنجي نڌڙڪائپ، ويڳاڻپ ۽ سموريون اوڻايون وساري، وطن ۽ آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ آتشي ويڙهه ۾ سر ڏڙجي بازي لڳائيندي ۽ چپن تي فاتح مرڪ آڻي، بزدل وجودن کي همتون بخشيندي.

قصو مختصر، ويٽنام جي انقلاب جي سرواڻ ڪامريڊ هوچي منهه، جنهن کي ويٽنامي باشندا ”چاچا هو“ جي نالي سان

سڏيندا آهن، ان جي زندگي ۽ جدوجهد اسان پارن ڏتڙيل ماڻهن لاءِ مشعل راهہ آهي. هن راهہ تي هلندي، اسان پنهنجي وجود ۾ موجود سمورين بزدل، گيدي، ڪمچور ۽ نڏڪن جذبن کي شڪست ڏيئي، لاجواب بهادري، خود اعتمادي، سچائي، جوش ۽ ولولي جهڙن عظيم جذبن ۽ صلاحيتن سان ٽمٽار ٿي، پنهنجي ماڻهن ۽ پنهنجي وطن لاءِ ڪو سياويڪ عمل سرانجام ڏيئي سگهون ٿا. وڏي ڳالهہ اها بہ تہ هن ڪتابڙي ۾ جتي ڪامريڊ هوچي منهہ جي ڏکي زندگي جو وچُور شامل آهي، اتي انقلابِ ويٽنام جو ڳوڙهي نموني سان اڀياس بہ شامل آهي. بس غور سان مطالعي جي ضرورت آهي.

**سليم جمالي**

ڪڍڻ شهر، ضلع بدين

.03332547781

ويٽنام جي صوبي نگهي آن (Nghe An) جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ڪم لين (Kim Lien) ۾، هڪ هاري نگوين سنهه هوئي (Nguyen Sinh Huy) جي گهر ۾، 19 مئي 1890ع تي هڪ ٽڪلڙو ٻار ڄائو. جنهن جو نالو نگوين سنهه ڪونگ (Nguyen Sinh Cung) رکيو ويو. جيڪو اڄ سڄي دنيا ۾ ڪامريڊ هوچي منهه جي نالي سان مشهور آهي. ڪامريڊ هوچي منهه جڏهن ڄائو تڏهن سندس محبوب ڌرتي، فرانسيسي قبضاگيرن جي قبضي ۾ هئي ۽ ويٽنام سان پيار ڪندڙ ويٽنامي جوڌا، ڦرلٽ ڪندڙ وحشي طاقت، فرانسيسي سامراج خلاف وڙهي رهيا هئا. 1885ع ۾ فرانسيسي سامراج جون مٽون منجهائيندڙ بغاوت، جيڪا "عالمن جي بغاوت" جي نالي سان مشهور آهي، ان بغاوت ۾ سندس والد شريڪ رهيو. جيئن ئي بغاوت ٽٽي ٿي، تہ ڪامريڊ هوچي جو پيءُ فرانسيسي دربار ۾ ملازمت ڪرڻ لڳو. پر ڪيس يڪدم انهي ڪري نوڪري مان ڪڍيو ويو. جو مٿس وطن لاءِ وڙهندڙ جوڌن سان همدردي جو الزام هو. انهيءَ کان سواءِ، هو ملڪ تي مڙهيل فرانسيسي زبان جي عملي طور شديد مخالفت ڪندڙن مان هو.

فرانسيسي سامراج، ويٽنامين کان ڏرتي جا وسيلا تہ ڦري ورتا هئا، پر ڌرتي ۽ آزادي سان محبت کسڻ، سندن وس کان ٻاهر هو. هاڻي ڪامريڊ هوچي جي پيءُ ٻيهر ٻني ٻاري جو ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ پنهنجي ٻارن کي پڙهائڻ لڳو. ڇوتہ سندس شمار انهن محب وطن ويٽنامين ۾ هو، جن جو خيال هو تہ ويٽنامي ٻارن کي هر صورت ۾ پڙهائي کان پنهنجو رشتو ڌار نہ ڪرڻ گهرجي.

نگوين سنهہ هوئي پنهنجي ٽنهي ٻارن جي تعليم تي وڏي توجهہ ڏني، پر ان سان گڏ غلام ويٽنام سان پيار جي لولي بہ ڏيندو رهندو هو. ڪامريڊ هوچي اڃا ڏهن سالن جو مس ٿيو تہ سندس امڙ وفات ڪري وئي. ان دور ۾ سندس وڏي ڀيڻ باچ لين (Bach Lien)جيڪا لکيل پڙهيل ۽ انقلابي جذبن سان ٽمٽار هئي. اها فوجي آفيسرن جي هڪ ڪينٽين ۾ مئنيجر جي نوڪري ڪرڻ لڳي، پر خانداني ورثي ۾ مليل وطن سان محبت، ڪيس اتي بہ وطن کان ڌار نہ ڪري سگهي. هوءَ فوجي ڪينٽين ۾ ڪم ڪندي، لڪ ڇپ ۾ فرانسيسي فوج جو اسلحو وطن جي آزادي لاءِ وڙهندڙ گوريلن ڏانهن موڪليندي رهندي هئي ۽ هڪ دفعي پڪڙجي پيئي. ڇانوڻي جي هڪ فوجي آفيسر ساڻس مخاطب ٿيندي چيو: ”ٻيون عورتون پيٽ سان ٿينديون آهن، تہ ٻار پيدا ڪنديون آهن. تون پڪ سان هٿيار پيدا ڪندينءَ.“ ان ڏوهہ ۾ کيس ڊگهي قيد جي سزا ڏني وئي.

اهڙي طرح ڪامريڊ هوچي بہ پنهنجي ننڍڙي ڄمار ۾ سياسي

سرگرمين جو آغاز ڪري ڇڏيو هو پندرهن سالن جي عمر ۾ اسڪول اندر هڪ "باغي ڇوڪري" طور سڃاتو ويندو هو. هن دور ۾ يعني 1903ع ڌاري هڪ روشن خيال سامراج دشمن دانشور ڦان بوئي چائو (Phan Boi Chau)، جديد ٽيڪنالاجي جي مدد سان جديد ويٽنام ٺاهڻ لاءِ آزادي جي هڪ ڪائونسل قائم ڪئي هئي. چائو فرانس مخالف ۽ روشن خيال بادشاهت جو حامي هو سندس موجب هڪ ترقي پسند بادشاهه ويٽنام کي هڪ ترقي يافته ملڪ بڻائي سگهي ٿو. چائو جي آزادي ڪائونسل ٻن ڪمن تي وڏو زور ڏنو هڪ ويٽنامي نوجوانن کي پڙهائي لاءِ ٻاهرين ملڪ موڪلڻ ۽ ٻيو پاڙيسري ملڪن، جن ۾ چين ۽ جاپان کان مدد وٺڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ. چائو پوري ملڪ مان ڪيترن ذهين نوجوانن کي ٻاهرين ملڪ پڙهڻ لاءِ چونڊيو. انهن ۾ ڪامريڊ هوچي منهه ۽ سندس وڏي ڀاءُ ڪيم (Khiem) جو به نالو هو. پر ڪامريڊ هوچي ٻاهر وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ڇوته هو چائو کي وطن دوست ته سمجهندو هو، پر سندس پروگرام پسند نه هو.

بهرحال، ڦان بوئي چائو هزارين نوجوانن کي تعليم ۽ انقلابي تربيت حاصل ڪرڻ لاءِ جاپان موڪليو. 1905ع ۾ پاڻ جاپان ويو ۽ هڪ سال کان پوءِ اتي ئي هڪ انجمن "جديد ويٽنام" جو بنياد رکيو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي اها انجمن ويٽنام جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي وئي. چائو جون مزاحمتي لکڻيون پوري ويٽنام ۾ ورهائجڻ لڳيون، جن ماڻهن جي جذبن کي وڌيڪ اڀاريو ۽ جلد ئي پوري

ملڪ جي وڏن شهرن ۾ فرانسيسي جبر خلاف وڏا وڏا مظاهرا ۽ هڙتالون ٿيڻ لڳيون. عوامي احتجاجن کان گهٻرائيندي فرانسيسي سامراج بندوقن جا منهن کولي ڇڏيا ۽ ويٽنام ۾ رت جو درياءَ ڇوليون هڻڻ لڳو هو.

هرطرف بهادر ويٽنامي ۽ قبضاگير فرانسيسي آمهون سامهون هئا. 1908ع ڌاري ڪامريڊ هوچي جي ماءُ جو چاچو ”ايڪسيوهن“ ڏکڻ ويٽنام ۾ هڪ باغي ”ڊي ٿيم“ جي اڳواڻي هيٺ ٿيندڙ هڪ فوجي بغاوت ۾ پڪڙجي پيو. اذيت گاهه ۾ راز فاش ڪرڻ لاءِ مٿس عقوبتن جا جبل ڪيرايا ويا، پر هن مڙس ماڻهو ٻاق ٻه ٻاهر ڪونه ڪڍي. ايتري تائين جو قومي بغاوت جا راز بچائڻ لاءِ هن پنهنجي زبان ڏندن جي وچ ۾ ڏيئي، واري جو زور ڏنائين، ته سندس زبان جو اڳيون حصو اچي پٽ تي ڪِريو. سر زمين تي موجود گورنر اها سچائي ڏسي، ششدر ٿي ويو.

ايڪسيوهن جي وطن سان وفا، هوچي کي وڌيڪ فولادي بڻايو. هڪ ڏينهن فرانسيسي ڦرلٽ ۽ بربريت خلاف هڙتال ٿي، هڙتالي جلوس ۾ ڪامريڊ هوچي شرڪت ڪئي. اوچتو پوليس جلوس تي لٺ بازي ۽ گوليون هلائڻ شروع ڪيون، سندس ٻيا نوجوان ساٿي ڀڄڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، پر ڪامريڊ هوچي آخر تائين پٿراءُ ڪندو رهيو. پوليس اهلڪارن ڪيس سڃاڻي ورتو ٻئي ڏينهن پوليس وارا اسڪول پهچي ويا ۽ انهن جي شڪايت تي 1908ع ۾ ڪيس ”باغي“ چئي ڪري اسڪول مان نيڪالي ڏني وئي. هي

واقعو سندس تعليمي سرگرمين جي پڄاڻي هئي، ان کان پوءِ ڪامريڊ هوچي منهه انقلابي درسگاهن جو ڪتابي رهيو. اسڪول مان نيڪالي ڏيڻ وارو واقعو چڻ ڪامريڊ هوچي جي باقاعده سياسي زندگي جو شروعاتي سبب بڻيو. اوچتو پوليس اشتهاري مجرمن جي لسٽ جاري ڪئي، ان لسٽ ۾ سندس نالو موجود هو. ڪامريڊ هوچي روپوش ٿي ويو ان روپوشي کيس انقلابي گوريلي ٿيڻ جا دروازا کولي ڇڏيا. جنهن کان پوءِ هو سائيگان، هليو ويو، جتي هن بحري جهازن ۾ ملازمت جي ڪوشش ڪئي، تہ جيئن هو فرانس پهچي سگهي. هن جي من ۾ خيال هو تہ فرانسيسي زبان ۽ ڪلچر مان واقف ٿئي، تہ جيئن هو آزادي جو قابل عمل منصوبو ٺاهي سگهي.

هوچي منهه 1911ع جي آخري ڏينهن ۾، ڪامريڊ نالي هڪ فرانسيسي بحري جهاز ۾ ملازم ٿيو. ملازمت دوران کيس اسپين، پرتگال، مصر، الجزائر ڏسڻ جو موقعو مليو. ان وقت سندس ڄمار 21 سال هئي. اوچتو ڪامريڊ تي هڪڙي شامت ڪڙڪي، هن ملازمت ڇڏي ڏني ۽ پيٽ گذر ڪرڻ لاءِ فخر سان مختلف هوٽلن تي پيشگيري ڪرڻ لڳو هو. ان سان گڏ وگڏ پئرس ۾ رهندي، فرانسيسي زبان سکڻ ۽ اتي رهندڙ مقامي ويٽنامين سان واسطا وڌائڻ شروع ڪيا. ايستائين جو هن فرانس جي سوشلسٽ پارٽي سان بہ واسطو قائم ڪيو هو.

شروع شروع ۾، فرانسيسي دانشور کيس شرميلو ۽ فڪري طور

اڀوجهه سمجهندا هئا. آهستي آهستي تجربي ۽ علم سندس شعور ۽ علم ۾ زبردست اضافو ڪيو ۽ ڪامريڊ هوچي، فرانس سامراج جي جبر ۽ ويٽنامي عوام جي آزادي جي جدوجهد تي مختصر مضمون لکڻ شروع ڪيا. پر جلد 1914ع ڌاري هو وسيع مشاهدي ۽ مختلف سماجن جو اڀياس ڪرڻ لاءِ فرانس ڇڏي، هڪ بحري جهاز ۾ بورچي بڻجي آمريڪا پهتو. هن هتي آمريڪا جي شهر بوسٽن ۽ نيويارڪ ۾ هڪ بسڪيٽ ٺاهيندڙ بيڪري تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ آمريڪي معاشري کي ويجهي کان ڏٺو ۽ واقفيت حاصل ڪئي. ان کان پوءِ ڪامريڊ هوچي پنڌ ڪندو پنڌ ڪندو انگلينڊ پهتو هتي هن هوٽلن تي پيشگيري ڪئي، فوٽوگرافي واري پيشي سان وابسته رهيو ۽ ڪيترين ئي مزدورين ڪيون، پر پوءِ به وطن سان محبت ۽ آزادي لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪندو رهيو. هن هتي آئرلينڊ جي قومي آزادي جي تحريڪ ۾ حصو ورتو، سياسي مضمون پڙهيا ۽ لفظ انقلاب کي صحيح طرح سمجهڻ جي ڪوشش ڪيائين.

1917ع ۾ روس جي پورهيت انقلاب اچڻ کان ڪجهه هفتا پهرين ڪامريڊ هوچي ٻيهر فرانس پهتو. روس جي پورهيت انقلاب جهڙي ريت پوري دنيا جي پورهيتن کي ويساهه ڏنو، نجات جو گس ڏيکاريو، ساڳي طرح فرانسيسي صنعتي معاشري تي وڏو اثر پيو ۽ هتي مزدورن جون جماعتون ۽ ڪاٻي ڌر جون پارٽيون وڏيڪ منظم ٿيڻ لڳيون. فرانس پهچي، ڪامريڊ هوچي پنهنجو نالو نگوين اي

ڪوڪ (Nguyen Ai Quoc) رکيو. جنھن جو مطلب ھو ”محب وطن نگوين“ ۽ سندس دوست ڦان وان ٽرونگ (Phan Van Truong) سان گڏ ھڪڙي گنجان آبادي واري علائقي ۾، ھڪ پراڻي ڪوارٽر ۾ رھڻ لڳو. ٿوري ئي عرصي ۾ جڏھن ڪامريڊ ھوچي پنھنجي مقامي باشندن سان واسطا وڌايا، تہ ھو انھن ھم وطنن سان رھڻ لڳو ھو.

ڪامريڊ ھوچي، ھتي فوٽوگرافي جو ڪم ڪرڻ لڳو. تنھن ڪري ڪيس لکڻ پڙھڻ ۽ سياسي ميل ميلاپ لاءِ ڪافي وقت مليو ھو. ھو اڪثر ھڪ مشھور ڪتابن جي دڪان تي ويندو ھو. جتي سندس مزدور پارٽين جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سان ملاقاتون ٿينديون رھنديون ھيون. فرانس جي مزدور رھنمائن جي چوڻ تي ڪامريڊ ھوچي ھڪ اخبار ”لومانتي“ ۾ آرٽيڪل لکڻ جو سلسلو شروع ڪيو. پنھنجي مضمونن ۾ ھن فرانسيسي بربريت ۽ ڦرلٽ کي اگھاڙو ڪيو ۽ ويٽنام جي آزادي جا گيت لکيا. ان وچ ۾ سندس ملاقات پورھيتن جي عظيم فڪري استاد ڪارل مارڪس جي پوٽي جين لانگيوٽ (Jean Longuet) سان ٿي، پوءِ ڪامريڊ ھوچي سندس رسالي ”لوپو پوئير“ جي لاءِ مضمون لکڻ شروع ڪيا.

فرانس ۾ رھندي، ھلڪڙي طبيعت رکندڙ فيشني سوشلسٽ ڪامريڊن، ڪامريڊ ھوچي تي سياست بابت گھٽ ڄاڻ جو الزام ھنيو. جنھن تي ڪامريڊ پنھنجي علم جي اضافي لاءِ مارڪس، اينگلز ۽ لينن جي لکڻين جو گھرو مطالعو شروع ڪيو. ڪامريڊ

لينن جي تحريرن مٿس وڏو اثر وڌو. ڪيس هڪ نئين راهه ڏيکاري. آخرڪار ڪامريڊ هوچي منھ کي پنهنجو هڪ رهبر، ڪامريڊ لينن جي شڪل ۾ ملي ويو. مارڪسزم ۽ لينزم جي مطالعي، صحافت ۽ سياحت جي ڊگهي سفر کان پوءِ ڪامريڊ هوچي منھ سمجهي ورتو هو ته ويٽنام، الجزائر ۽ فرانس جي پورهيتن جو دشمن هڪ ئي آهي، جنهن جو نالو فرانسيسي سامراج آهي. ڪامريڊ هوچي موجب: ”استاد لينن جي تحريرن منهنجي زندگي بدلائي ڇڏي. مون پوري طرح سمجهي ورتو ته دنيا جي پورهيتن ۽ مظلوم ماڻهن کي صرف سوشلزم ۽ ڪميونزم ئي آزادي ڏياري سگهي ٿو.“

جڏهن ڊسمبر 1920ع ۾ فرانسيسي ڪميونسٽ پارٽي ٺاهي پئي وئي ته ڪامريڊ هوچي بنيادي ڪردار ادا ڪيو 26 ڊسمبر 1920ع تي ٽُور ۾ ٿيندڙ سوشلسٽ ڪانگريس ۾ ڀرپور شرڪت ڪئي ۽ ان موقعي تي زبردست جذباتي تقرير ڪندي چيائين: ”ڪامريڊو!! ڪاش! آئون اڄ سڄي دنيا اندر انقلاب آڻڻ واري عظيم ڪم ۾ توهان سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي، اول صف ۾ بيٺو هجان ها، پر ڇا ڪجي، آئون هڪ سوشلسٽ جي حيثيت سان منهنجي وطن ۾ برپا ڪيل بربريت خلاف آواز بلند ڪري رهيو آهيان. توهان بخوبي ڄاڻو ٿا ته فرانسيسي سامراج گذريل پنجاهه سالن کان ويٽنام تي قبضو ڪري ويٺو آهي، هن بندوق جي زور تي قبضو ڪيو ۽ سرمائيداري جي نالي تي غلام ڪيو. ان وقت کان

وٺي اڄ تائين، انسانيت لڄائيندڙ ظلمن ۽ مختلف طريقن ذريعي استحصال ڪان سواءِ اسان کي ماريو ويو ۽ آفيم، شراب ۽ ٻين نشن جي صورت ۾ زهر ڏنو ويو، تہ جيئن اسان مدهوش هجون. بهرحال هن پاپي سرمائيدارن جي ظلم جي ڪهاڻي ڊگهي آهي، چند منٽن ۾ بيان ڪرڻ ممڪن ڪونهي. جيل، جن جو تعداد اسڪولن کان وڌيڪ آهي، هميشہ ڪليل هوندا آهن ۽ انهن ۾ لاتعداد ماڻهو قيد آهن. جيڪو بہ آواز بلند ڪري ٿو، ان کي جيل ۾ بند ڪيو وڃي ٿو يا ڦاسي تي لٽڪايو وڃي ٿو. اسان وٽ اظهارِ آزادي، اخبارن، رسالن تي پابندي آهي، اسان جلوس نٿا ڪڍي سگهون، نہ ئي ڪا تنظيم ٺاهي سگهون ٿا. اسان جهالت جي غار ۾ زندگي گذاري رهيا آهيون، اسان کي تعليم حاصل ڪرڻ جي آزادي ڪونهي. اسان ويٽنامين کي آفيم سان بيهوش ۽ شراب سان بدمست ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

ڪامريڊئو!! ٻہ ڪروڙ ويٽنامين سان اهو انسانيت لڄائيندڙ سلوڪ ٿي رهيو آهي، تنهنڪري ڪميونسٽ پارٽي جو اهو فرض آهي تہ ويٽنامين لاءِ ڪجهہ ڪيو وڃي. هڪ ڪميٽي ٺاهي وڃي، جيڪا ڪالونين جي مسئلي جو اڀياس ڪري ۽ حل لاءِ تجويزون پيش ڪري، تہ اسان اڃا بہ وڌيڪ خوش ٿينداسين.“

ڪامريڊ هوچي جي ڊگهي تقرير ڪان پوءِ هر طرف تاڙين جي گونج بلند ٿي، اهي تاڙيون ٻڌائي رهيون هيون، تہ ڪميونسٽ پارٽي ويٽنامين ۽ سمورن محڪوم قومن جي باشندن سان گڏ آهي. اهڙي

طرح هڪ ڪميٽي ٺهي وئي ۽ ڪامريڊ هوچي ان جو ميمبر ٿيو. ڪامريڊ هوچي پنهنجو هڪ ڪتاب ”فرانسيسي بينڪيتي عمل“ شايع ڪيو. هن ڪتاب ۾ ويٽنامين تي قابض فرانسيسي حڪومت جي جبر جي تصوير ڪشي ڪئي وئي هئي ۽ هي ڪتاب ”انٽر ڪالونيل يونين“ قائم ٿيڻ جو سبب بڻيو. تہ جيئن ويٽنامي ۽ ٻين فرانسيسي ڪالونين جي آزادي ۾ لاڳاپو رکي سگهجي ۽ يونين جو ترجمان ”ڪوپاريا“ (مظلوم) نالي هڪ اخبار ڪڍي وئي. هن اخبار فرانس ۾ رهندڙ ويٽنامين ۽ ويٽنامي پڙهندڙن ۾ مارڪسزم ۽ ليننزم جو ٻج ڇٽيو. جيئن ئي اخبار جو شور گونجيو تہ فرانسيسي پوليس ڪامريڊ هوچي جي پٺيان پئجي وئي. هاڻي ڪامريڊ هوچي جو فرانس ۾ رهڻ خطري کان خالي نہ هو، ڇوتہ فرانسيسي پوليس کيس هڪ خطرناڪ انقلابي جي روپ ۾ ڏسي رهي هئي.

جون 1922ع ۾، ڪامريڊ هوچي ڪميونسٽ پارٽي آف فرانس جي اڳواڻ جي حيثيت سان، ماسڪو ۾ ٿيندڙ عالمي هاري ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو ۽ ان جي انتظامي ڪميٽي جو ميمبر مقرر ٿيو. ڪامريڊ ماسڪو وڃڻ وقت پنهنجي هڪ جاپاني اديب دوست ”ڪايو ڪوماتسو“ کي دعوت ڏني تہ ”مون سان گڏ ماسڪو هل، تہ جيئن انقلاب جي جنم ڀومي کي روبرو ڏسي اچون.“

جاپاني اديب جواب ڏنو تہ ”هو پئرس ۾ رهندي، فن ۽ ادب جي خدمت ڪندي خوشي محسوس ڪري رهيو آهي.“

ڪامريڊ هوچي جواب ڏنو تہ ”هن سڙيل ڏپ ڪيل معاشري ۾ ڪهڙي قسم جو فن ممڪن آهي؟ اسان انقلاب آڻينداسين، پوءِ تون اهڙي معاشري جي آزاد ماڻهن لاءِ لکي سگهندين، جن ۾ ڪابہ اوچ نيچ نہ هوندي.“

ڪجهہ عرصي کان پوءِ ڪامريڊ هوچي فرانس موٽي آيو ۽ ٻيهر جولاءِ 1924ع ۾ ٿيندڙ ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي پنجين ڪانگريس ۾ شرڪت لاءِ روس ويو. ڪانگريس ۾ ڪامريڊ پرجوش تقرير ڪندي، سامراجي طاقتن وٽ قيد عوام جي آزادي جي جدوجهد بابت منجهيل موقف رکندڙ ڪيترن ئي ڪميونسٽ پارٽين کي سخت تنقيد جو نشانو بڻايو. سوويت يونين ۾ رهندي ڪامريڊ هوچي، روسي زبان سکي، معيشت ۽ سياست جو وسيع مطالعو ڪرڻ لاءِ مزدورن جي يونيورسٽي ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ انقلابي اخبار پراودا (Pravda) لاءِ آرٽيڪل تحرير ڪيا. ان کان سواءِ ڪامريڊ هوچي بہ جڳ مشهور پمفليٽ ”چين ۽ چيني نوجوان“ ۽ ”ڪاري نسل“ جي نالي لکيا ۽ هتي روس ۾ رهندي ڪامريڊ ڪيترن ئي انقلابين سان رابطا قائم ڪيا، جن ۾ جارجي ديمتروف، چين جي لي سان ۽ ايم اين رائي شامل هئا.

ڪامريڊ هوچي منهہ، ڪامريڊ لينن سان تہ نہ ملي سگهيو هو، جيڪو ڏک کيس هميشہ رهيو، پر سندس ساٿين سان ويجهو رشتو رهيو، جنهن ۾ ڪامريڊ اسٽالن نمايان آهي. ڪامريڊ هوچي ڪميونسٽ پارٽين جي ڪيترن ئي اجلاسن ۾ شرڪت ڪئي ۽

سامراجين جي قبضي ۾ آيل ملڪن ۾ رهندڙ ماڻهن سان ٿيندڙ عقوبتن تي خوب ڳالهايو. هن روسي حڪومت تي زور وڌو تہ هو ويٽنام جي آزادي لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري. جوشيلي تقريرن ۽ تجربيڪار انقلابين سان ڪچهريون ڪندي، ڪامريڊ هوچي جي شخصيت روس اندر ايشيائي ليڊرن ۾ گهڻي اڳيان اڀري آئي هئي. هاڻي ڪامريڊ هوچي فيصلو ڪيو تہ وقت اچي ويو آهي، تہ ايشيا وڃي ڪري اتي انقلاب برپا ڪجي.

ڊسمبر 1924ع ۾، ڪامريڊ هوچي چين جي شهر ڪينٽين پهتو. سندس خيال هو تہ هتي ويهي ويٽنامي انقلابين جي تربيت ڪجي ۽ کين منظم ڪجي. ڪجهہ ئي مهينن اندر نوجوان باغين جو هڪ وڏو حلقو گڏ ٿي ويو. ويٽنامي باغي نوجوانن جي باغي صلاحيتن کي انقلابي صلاحيتن ۾ تبديل ڪرڻ ۽ کين منظم ڪرڻ لاءِ ڪامريڊ هوچي پنهنجي انقلابي ساٿين سان گڏجي جون 1925ع ۾ ”ويٽنامي انقلابي نوجوانن جي انجمن“ ( Vietnam Revolutionary Youth Association) جو پايو وڌو. جيڪا ٿانهہ ينان (Than Yan'an) (نوجوان) جي مختصر نالي سان مشهور ٿي ۽ انهي نالي سان نوجوانن جي لاءِ هڪ انقلابي رسالو جاري ڪيو ويو. رسالي جو وڏو حصو مارڪسزم ۽ ليننزم جي سولي ٻولي ۾ سمجهاڻي تي مشتمل هوندو هو. تہ جيئن نوجوان ڪٽر قوم پرستي مان نڪري، سائنسي سوچ ڌاري وطن جي آزادي لاءِ جدوجهد ڪن. مارڪسي تاريخدانن جو خيال آهي تہ، انهن جي ان

نندڙي اشاعت هند چيني ڪميونسٽ پارٽي، عوامي فوج ۽ ڊيموڪريٽڪ ريپبلڪ آف ويٽنام جو بڄ پوکيو.

ٿوري عرصي ۾ ويٽنامي سرحد جي پرسان چيني علائقو ڪينٽين ويٽنامي انقلاب جو مرڪز بڻجي ويو. نوجوانن جي ذهني تربيت لاءِ ڪامريڊ هوچي 1926ع ۾ ”انقلابي رستو“ جي نالي سان هڪڙو تربيتي ڪتابڙو شايع ڪيو جنهن ۾ هن ويٽنام جي آزادي جي جدوجهد کي مارڪسزم ۽ ليننزم جي راهہ تي بيهاريندي، ٽن بنيادي نقطن تي زور ڏنو.

انقلاب چند ماڻهن جو نہ، بلڪ وسيع پيماني تي هارين ۽ مزدورن جو ڪم آهي، تنهنڪري عوام کي منظم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

انقلاب جي سرواڻي هڪ مارڪسي ۽ ليننې پارٽي ئي ڪري سگهي ٿي.

هر ملڪ جي انقلابي تحريڪ کي عالمي پرولتارين سان ويجهو رشتو قائم ڪرڻ گهرجي.

ليڪچرن تي مشتمل هن نندڙي ڪتاب ۾ ڪامريڊ هوچي ان ڳالهہ تي بہ وڌيڪ زور ڏنو تہ معاشري جي سڀ کان وڏي انقلابي قوت هارين ۽ مزدورن تي مشتمل هوندي آهي، ڇو تہ اهي ئي وڌيڪ مظلوم ۽ تعداد ۾ سڀ کان وڌيڪ هوندا آهن، تنهنڪري هنن وٽ غلامي جي زنجيرن کان سواءِ، ڪنهن بہ ٻي شيءِ کي وڃائڻ جو خطرو ناهي هوندو ۽ اهي ئي وڌيڪ ثابت قدم قوت ۽ انقلاب جا

بنيادي عنصر هوندا آهن.

ڪينٽين ۾ ويهي باغين کي انقلابي تربيت ڏيئي کين ويٽنام روانو ڪرڻ وارو سلسلو جاري هو. تہ اوچتو اپريل 1927ع تي ڪامريڊ مٿان هڪ شامت ڪڙڪي. چو اين لائي جو ساٿي، چيني انقلاب جا بنياد رکندڙ سن يات سين (Sun Yat_sen) جي مرڻ کان پوءِ سندس جان نشين چيانگ ڪائي شيڪ (Chiang Kai Shek) عالمي سامراج جي اشارن تي ڪميونسٽن جو قتل عام شروع ڪيو. تنهن کان پوءِ ويٽنامي انقلابي نوجوانن جي انجمن جا ساٿي ڪي شنگھائي، هانگ ڪانگ ۽ ڪي روس هليا ويا. ڪامريڊ هوچي پھرين شنگھائي ۽ پوءِ ماسڪو ويو.

ڪامريڊ هوچي 1928ع ۾، برسلز ۾ سامراجي جنگ جي خلاف ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو جتي سندس ملاقات پنڊت جواهرلال نهرو جي والد پنڊت موتي لال نهرو سان بہ ٿي. ڪجھ مهينا فرانس ۾ رهڻ کان پوءِ ڪامريڊ هوچي سئيزرلينڊ، اٽلي کان ٿيندي ٿائيلينڊ ويو، اتي ويهي ويٽنامي انقلاب لاءِ ڪوششون ورتيون، ڇو تہ هتي ويٽنامي باشندن جي وڏي اڪثريت رهندي هئي. ڪامريڊ هتان ”دوستي“ جي نالي سان هڪ اخبار شايع ڪئي، ويٽنامي ٻارن لاءِ اسڪول کوليو ۽ ويٽنامي آبادي ۾ خفيہ سياسي سيل قائم ڪيو. ان سياسي سيل هتان جي ويٽنامين ۾ پنهنجي اباڻي وطن سان محبت جو بنياد رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

ٻئي طرف ويٽنامي سجاڳ ٿي پيا هئا، هنن فرانسيسي سامراج

ڪي سڪ جو ساھ ڪڍڻ نہ پئي ڏنو صنعتي مزدور ايتري قدر تہ مضبوط ٿي ويو جو فيبروري 1928ع تي سائيگان جي لاتعداد فيڪٽرين ۾ مزدورن هڙتالون ۽ مظاهرا ڪيا هئا. جنوري 1929ع ۾ ريلوي جي مزدورن ۽ جهاز جي شعبي سان لاڳاپيل مزدورن هڙتالون ڪيون، اهڙي ريت ويٽنامين جي جدوجهد مارڪسي ۽ ليننني رنگ ۾ رنگجي چڪي هئي. ”ويٽنامي انقلابي نوجوانن جي انجمن“ پنهنجو فرض پورو ڪري چڪي هئي ۽ هاڻي هارين ۽ مزدورن جي عوامي سگهہ کي منظم ڪرڻ لاءِ پورهيت پارٽي جي تشڪيل ڏيڻ انتهائي ضروري هو تہ جيئن ويٽنام ۾ ڪم ڪندڙ پورهيت گروهن جي طاقت کي گڏ ڪري سگهجي. ان سلسلي ۾ هند چيني ڪميونسٽ پارٽي جو بنياد رکيو ويو پر اوچتو ننڍين ننڍين اختلافن ۽ مختلف رجحانن جي ڪري پارٽي مان ٻيون ٻہ ڪميونسٽ پارٽيون ”ويٽنام ڪميونسٽ پارٽي“ ۽ ”هند چيني ڪميونسٽ فيڊريشن“ جي نالي سان ورهائجي ويون. ويٽنام ۾ ڪميونسٽ طاقت کي ٽولن ۾ تقسيم ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ ڪامريڊ هوچي 1929ع جي آخري ڏينهن ۾ ٿائيلينڊ کان هانگ ڪانگ پهتو هو. هڪڙي ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي نمائندي جي حيثيت سان ڪامريڊ هوچي ڊگهي بحث مباحثي کانپوءِ اتحاد ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويو ۽ 3 فيبروري 1930ع تي ٽنهي ڪميونسٽ تنظيمن جي گڏيل ڪانگريس ڪالون شهر ۾ ڪوٺائي وئي. ڪامريڊ هوچي منھ جي صدارت ۾ ٿيندڙ ڪانگريس ويٽنام ۾ هڪ

ڪميونسٽ پارٽي ٺاهڻ جو اعلان ڪيو. جنهن جو نالو ”هند چيني ڪميونسٽ پارٽي“ رکيو ويو. ڪامريڊ هوچي پارٽي جو آئين ۽ منشور ٺاهيو، جيڪو ڪانگريس منظور ڪيو. اهڙي ريت ڪامريڊ هوچي پنهنجي وسيع تجربي ۽ ڏاهپ سان، پورهيتن جي پارٽي کي ڇڙ وڇڙ ٿيڻ کان بچائي ورتو. ڪانگريس ۾ هو هر هر ڪميونسٽ ساٿين کي ياد ڏياري رهيو هو ته، ”جڏهن اسان جو مقصد پوري دنيا ۾ سوشلسٽ انقلاب برپا ڪرڻو آهي، ته پوءِ اسان کي ننڍڙن جهيڙن جهڳڙن ۾ پوڻ بجاءِ پنهنجي عظيم مقصد طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي.“

ڪامريڊ هوچي جي وڏي خواهش هئي، ته هو پنهنجي وطن ۾ ويهي انقلاب لاءِ ڪم ڪري، پر پوليس ۽ جاسوسي ادارا ڪيس مارڻ لاءِ هر وقت تيار هوندا هئا. ڪانگريس کان پوءِ هو چين هليو ويو. هند چيني ڪميونسٽ پارٽي جي قيام کي ڪجهه مهينا مس گذريا ته فرانسيسي سامراج خلاف ننڍيون ننڍيون بغاوتون، مظاهرا ۽ هڙتالن جو آغاز ٿيو. 12 سيپٽمبر 1930ع ۾، نگهي تنهه (Nghe Tinh) صوبي جي 6 هزار هارين، فرانسيسي ڦرلٽ ۽ بربريت خلاف هڙتال ڪئي ۽ زبردست جلوس ڪڍيو. فرانسيسي سامراج طاقت جي نشي ۾ مدهوش ٿي، جلوس مٿان انڌا ڌنڌ فائرنگ ڪري ڏني ۽ مختلف ڳوٺن مٿان بمباري ڪئي ويئي. نتيجي ۾ هڪ اندازي موجب 3 سئو ويٽنامي مارجي ويا هئا. هن واقعي کان پوءِ ويٽنامي عوام جا جذبا وڌيڪ ڀڙڪو کائي اٿيا. سرڪاري آفيسن کي باهه ڏئي ساڙيو ويو. پوري صوبي ۾ هٿياربند ڪارروايون شروع ٿي ويون

۽ ڪامريڊ هوچي جي پارٽي عوام سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڪم ڪندي رهي.

آڪٽوبر 1930ع جي آخر تائين ”نگهي تنهه“ صوبي ۾ ويٽنامي انقلابين فرانسيسي سپاهين کي ماري ڀڄائي عوامي سوويٽون (عوامي پنچائتون) ٺاهيون. هي عمل وقت کان اڳ هو. پر عوام ۾ همدرديون حاصل ڪرڻ لاءِ ڪميونسٽ پارٽي کي ڪرڻو پيو. انهن عوامي سوويٽن، زميندارن کان زمينون کسي، بي زمين هارين ۾ ورهائي ڇڏيون، فرانس انتظاميه جا مڙهيل سمورا ٽيڪس ختم ڪري ڇڏيا ۽ عوامي سوويت کي بچائڻ لاءِ فرانسيسي سامراجي فوج سان ويڙهه لاءِ عوامي فوج ٺاهي وئي، پر اجا ويٽنامي ايڏا سگهارا ڪونه ٿيا هئا، جو فرانس جي طاقتور فوج سان مقابلو ڪري سگهن. سو وڏي ويڙهه کان پوءِ طاقت جي زور تي ”نگهي تنهه“ جي عوامي سوويت کي ختم ڪري ڇڏيو. ڪميونسٽ پارٽي جا اهم رڪن گرفتار ڪيا ويا، انهن ۾ فام وان دونگ (Pham Van Dong) (جيڪو بعد ۾ آزاد ويٽنام جو وزير اعظم ٿيو)، تون دوڪ ٿانگ (Ton Duc Thang)، (جيڪو بعد ۾ آزاد ويٽنام جو نائب صدر ٿيو) شامل هئا. جڏهن ته پارٽي جي جنرل سيڪريٽري ڪامريڊ تران فو (Tran Phu) تي ايترو تشدد ڪيو ويو، جو هو اپريل 1931ع ۾ شولون جي اسپتال ۾ گذاري ويو.

ڪميونسٽن جي هن بغاوت پوري ويٽنام تي وڏا اثر ڇڏيا، ماڻهو ڪميونسٽ پارٽي کي وطن کي آزادي ڏياريندڙ پارٽي سڏڻ

لڳا ۽ ڪامريڊ هوچي جي شخصيت وڏيڪ مقبول ٿي وئي. ڪامريڊ هوچي موجب، ”اها مختصر هلچل انقلاب لاءِ مشق هئي.“

ڪامريڊ هوچي، جيڪو ڪيترن ئي سالن کان پاڻ کي گرفتاري کان بچائڻ لاءِ پاڻ تي مختلف نالا رکي، پنهنجي عوام سان رابطي ۾ رهيو هو، سو عالمي سامراج جي نظر ۾ خطرناڪ ڏوهاري هو. جاسوسن کان بچڻ لاءِ هن عظيم پورهيت ليڊر ڪامريڊ، عيسائي پادرين جو ويس ڌاري به پنهنجي جدوجهد جاري رکي. هو ملڪ کان ٻاهر رهي ڪري به، هر وقت پنهنجي ديس جي پورهيتن جي آزادي لاءِ سوچيندو رهندو هو ۽ عملي طور تحريڪ جي قيادت ڪندو رهيو. 06 جنوري 1931ع تي هانگ ڪانگ ۾ برطانوي اهلڪارن کيس گرفتار ڪري ورتو. مٿس تشدد جا جبل ڪيرايا ويا. اهڙو تشدد شايد ئي زندگي ۾ ساڻس ٿيو هجي. برطانوي اهلڪارن جي ڪارروائي دراصل فرانسيسي سامراج کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪانه هئي، پر ڏکڻ ايشيا ۾ برطانيه جي قابض علائقن ۾ مخالفن کي ڪچلڻ جي سلسلي ۾ هئي. هن خفيه ڪارروائي ۾ برطانوي اهلڪارن سنگاپور ۽ شنگهائي مان ٻن اهم ڪميونسٽن کي پڻ گرفتار ڪيو هو، ٻنهي جو واسطو فرانسيسي ڪميونسٽ تحريڪ سان هو جيڪي روسي ۽ فرانسيسي ڪميونسٽن جي وچ ۾ خبر رسائي جو ڪم ڪري رهيا هئا. ڪامريڊ هوچي سخت تشدد کان پوءِ به پنهنجا چپ نه کوليا، آخرڪار ڪو وڏو الزام ثابت نه ٿيڻ تي کيس 18 مهينا قيد جي سزا ملي. ڪامريڊ هوچي جولاءِ

1932ع ۾ جيل جي اسپتال مان هڪ ڪامريڊ جي مدد سان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ خفيہ طور تي هڪ ٻيڙي ۾ سوار ٿي شنگهائي پهتو. ڪامريڊ هوچي موجب، ”موت منهنجي پرسان گذريو هو.“

آخرڪار، ڪامريڊن جي مدد سان 1934ع ڌاري ڪامريڊ هوچي ماسڪو پهچڻ ۾ ڪامياب ٿيو. ٻئي طرف ويٽنام ۾ فرانسيسي بربريت ڏينهون ڏينهن تيز ٿيندي وئي ۽ پارٽي زير زمين ڪم ڪرڻ لڳي هئي. 1931ع جو سال، ماٺار جو سال رهيو. 1932ع ۾ ڪيترن ئي ڪميونسٽن کي ڦاسي ڏني وئي، ڏهہ هزار سياسي ڪارڪن جيلن ۾ بند هئا ۽ انهن سياسي ڪارڪنن جيلن کي انقلابي اسڪولن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو. فرانسيسي بربريت، ويٽنامين جي پنهنجي وطن ۽ پارٽي سان وفا ۽ قرباني وارو جذبو ٽوڙي نہ سگهي هئي. 1934ع ۾ انقلابي تحريڪ ٻيهر ڪامريڊ لي هانگ فونگ (Le Hong Phong) جي قيادت ۽ ڪامريڊ هوچي جي رهنمائي ۾ طاقت حاصل ڪرڻ لڳي. 1935ع ۾ ڪامريڊ هوچي ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي ٽين عالمي ڪانگريس ۾ شرڪت ڪئي. مارچ 1935ع ۾ ڪامريڊ هوچي جي غير موجودگي ۾ چين جي علائقي مڪائو (Macao) ۾ هند چيني ڪميونسٽ پارٽي جي پهرين ڪانگريس ٿي، ڪانگريس فيصلو ڪيو تہ ”هٿياربند جدوجهد ئي طبقاتي جنگ جي سڀ کان اعليٰ شڪل آهي، تنهنڪري وقت اچي ويو آهي تہ ظالم راڄ جي خاتمي لاءِ هٿياربند جدوجهد ڪجي.“

عظيم ليڊر ڪامريڊ هوچي منهه جي غير موجودگي سبب ڪانگريس ويٽنام ۽ سموري دنيا اندر ٿيندڙ تبديلين کي سمجهڻ ۾ ناڪام رهي، اهو ئي سبب هو جو هند چيني ڪميونسٽ پارٽي پنهنجي پاليسي تي ٻيهر سوچ ويچار لاءِ جولاءِ 1935ع ۾ ٻيهر ڪانگريس طلب ڪئي. هن دفعي ڪامريڊ هوچي جي سربراهي ۾ پارٽي ڪانگريس فيصلو ڪيو ته ”ويٽنامي انقلاب آڻڻ لاءِ وسيع محاذن تي ڪم ڪيو ويندو.“ ان سلسلي ۾ هڪ عوامي فرنٽ به قائم ڪيو ويندو، جو ته پارٽي اندر ۽ پوري ملڪ ۾ رجعت پسند ۽ ترميم پسند رجحان وڌي رهيا هئا. ايستائين جو پارٽي جا ڪجهه ڪارڪن، سامراج نواز ۽ انقلاب دشمن ٽراٽسڪي (Trotsky) ٽولي سان گڏجي ڪم ڪرڻ لڳا ۽ انقلاب دشمن ٽولي گڏيل جدوجهد جي نالي ۾ هڪ اخبار لالوت (جدوجهد) پڻ جاري ڪئي. هنن سرگرمين جي خبر، جڏهن ڪامريڊ هوچي کي پئي ته ڪامريڊ پنهنجي پارٽي پاليسي بيان ۾ چيو: ”جيستائين ٽراٽسڪي ٽولي جو تعلق آهي، انهن سان ڪوبه سمجهوتو نه ڪيو وڃي، جو ته هي ٽولو فاشسٽن جو حامي ۽ ننگ آهي ۽ اسان کي انهن فاشسٽي ننگن کي اگهاڙو ڪرڻ گهرجي.“

1936ع کان وٺي 1938ع تائين جو عرصو ڪميونسٽن لاءِ سخت مصيبتن جو زمانو هو. هڪ پاسي چين ۾ ”چيانگ ڪائي شيڪ“ جي سرڪار ڪميونسٽ انقلابين جي موت جي وارنٽ تي صحيح ڪري ڇڏي هئي، ته ٻئي طرف فرانسيسي ۽ جاپاني

جاسوس سندن پٺيان ڪات ڪهاڙا ڪڍي پئجي ويا هئا. پر پوءِ به هنن سالن ۾ ڪميونسٽ پارٽي زير زمين زور شور سان پنهنجون سرگرميون جاري رکيون. ڪامريڊ هوچي روس ۾ رهيو ۽ 1938ع ۾ ڪامريڊ چيني ڪميونسٽ پارٽي جي ساٿ سان چين پهتو. جتي چيني ڪميونسٽ پارٽي جاگيردارن ۽ جاپاني فاشسٽن سان وڙهي رهي هئي. 1939ع ۾ ٻي عالمي جنگ لڳي، ويٽنام ۾ ڪميونسٽ پارٽي جو زير زمين عوام سان گهرو لاڳاپو ۽ وڏي پئماني تي منظم ڪم کي ڏسي فرانسيسي سامراج بوکلاٽ جو شڪار ٿي ويو ۽ ويٽنامي انقلابين ۽ سندس پارٽي کي بي رحمي سان مڪمل طور ميسارڻ جو پڪو فيصلو ڪيو. هرطرف بربريت جي خوني بازار گرم هئي. هڪڙي انداز موجب، 06 هزار کان وڌيڪ انقلابي قتل ڪيا ويا، اڻ ڳڻين انقلابين کي اذيت گاهن ۾ بند ڪيو ويو ۽ ڪيترائي انقلابي جن ۾ فام وان دونگ، وي نگوين گياپ وغيره چين هليا ويا هئا.

هڪ سال جي اندر ئي، جون 1940ع تي فرانس جرمني اڳيان جهڪي پيو، ان صورتحال جاپاني ڌاڙيلن کي چين تي قبضو ڪرڻ جو موقعو ڏنو. آگسٽ 1940ع ۾ جڏهن جاپاني هند چين طرف وڌيا، ته فرانس جرمني کي هند چين اندر گڏيل حڪومت جي رٿ پيش ڪئي، پر پنهنجي فوجي طاقت جي نشي ۾ مست جرمني رد ڪري ڇڏي هئي. آخرڪار سيپٽمبر 1940ع ۾ جاپاني فوج اڳيان پيش قدمي ڪئي، ته فرانسيسي گورنر شڪست قبول ڪئي ۽ ناهه

ڪيو. ان ڪري موجب ويٽنام، فرانس ۽ جاپان جي گڏيل ڪالوني هوندي. نئين صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ويٽنامي انقلابي ميدان تي اچي ويا. سيپٽمبر 1940ع ڌاري ”اتر ٽانڪن“ ۾ فرانسيسي ۽ جاپاني فوجين خلاف بغاوت ٿي، نومبر ۾ ”اولهه ڪوچن چين“ ۽ جنوري 1941ع ۾ ”نگهي صوبي“ تي ڪميونسٽ پارٽي جي اڳواڻي ۾ گوريلن بغاوتون ڪيون. ڪامريڊ هوچي پنهنجي ساٿين کي خبردار ڪندي چيو ته ”بغاوتون وقت کان اڳ ٿيون آهن، پر هاڻي تياري، هوشياري ۽ منظم انداز ۾ ويڙهه کي جاري رکڻ گهرجي.“

جنوري 1941ع جي آخري تاريخن ۾ ڪامريڊ هوچي 30 سالن جي ڊگهي عرصي کان پوءِ ويٽنام پهتو. ڪامريڊ ويٽنام جي صوبي ڪائو بانگ (Cao Bang) جي جابلو علائقي پاڪ بو (Pac Bo) ۾ پنهنجو هيڊ ڪوارٽر ٺاهيو. جيڪو چيني سرحد جي بلڪل ويجهو هو. ڪامريڊ اتي جي هڪ جبل جو نالو ڪارل مارڪس ۽ پرسان وهندڙ ندي جو نالو لينن رکيو. انهي علائقي ۾ 09 مئي 1941ع تي ڪامريڊ هوچي منھ جي صدارت ۾ ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي جو اٺون اجلاس ٿيو ۽ اجلاس ۾ فام وان دونگ (Pham Van Dong)، نگوين گياپ (Nguyen Giap)، هوانگ ڪوڪ ويٽ (Hoang Quoc Viet)، هوانگ وان ٿو (Hoan Van Thu) ۽ ٻيا مرڪزي اڳواڻ شامل هئا. هن ئي اجلاس ۾ دنيا جي مشهور ترين تحريڪن مان هڪ

تحريڪ ”ويٽنام جي آزادي جي ليگ“ (League for Independence of Vietnam) جو بنياد، هڪ جهوپڙي ۾ رکيو ويو، جتي بانس جي ڪاٺ جي ٿهيل هڪڙي ميز هئي ۽ باقي ڪامريڊ بانس جي لڪڙن تي ويٺا هئا. ڪامريڊ هوچي جي سربراهي ۾ وسيع ۽ مضبوط تحريڪ سڄي دنيا ۾ ”ويٽ منهہ“ (Viet Minh)(قومي نجات) جي نالي سان مشهور ٿي. تحريڪ کي وسيع بنيادن تي پکيڙڻ ۽ قومي سطح تي آڻڻ لاءِ حب الوطني جي جذبي تي زور ڏيڻ ضروري هو. تنهنڪري سينٽرل ڪميٽي وسيع پيماني تي عوامي محاذ ناهڻ جي حق ۾ راءِ ڏني، تہ جيئن هٿيار بند عوامي دستن کي منظم ڪري سگهجي.

”ويٽ منهہ“ جو فوري مقصد جاپاني فاشسٽن ۽ فرانسيسي بينڪيت جو تختو اونڌو ڪري، ”عوامي جمهوري ويٽنام“ جي هڪ انقلابي حڪومت جو قيام هو. ان موقعي تي ڪامريڊ هوچي قومي جدوجهد ۽ اتحاد تي زور ڏيندي چيو:

”محترم محب وطن، هم وطنو!! جرمني ڪان پادر ڪائڻ پوءِ فرانسيسي طاقت ۾ انتشار پيدا ٿيو آهي، ان ڪان پهرين فرانسيسي لٽيرن، اسان جي قوم سان حيوانن ڪان بہ بدترين سلوڪ رکيو هو ۽ هاڻي قوم جاپاني لٽيرن جي غلام ٿي وئي آهي. عظيم سورمن جي ديس جي بہ ڪروڙ ماڻهن عزم ڪري ڇڏيو آهي، تہ هاڻي هو ذلت برداشت نہ ڪندا ۽ آزادي جو وقت اچي ويو آهي. قديم زماني ۾ اسان جي ملڪ کي منگولن جي حملن جو خطرو هو، تہ ”تان

خاندان“ جا بزرگ مقابلي لاءِ اڳيان آيا هئا ۽ هاڻي اسان کي انهن سورمن جي پيروي ڪرڻ گهرجي. اڄ اوهان حب الوطني جي جذبي سان ٿمٿار آهيو. هن وقت قومي آزادي ڪان مٿي ڪابه شيءِ ڪونهي، جاپاني ۽ فرانسيسي ڏاڙيلن ۽ انهن جي دلالن جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ پاڻ کي متحد ٿيڻو پوندو.

آزادي جا ساٿيو!! وقت اچي ويو آهي، اُٿي بغاوت جو جهنڊو بلند ڪريو. مادرِ وطن اوهان کي پڪاري رهيو آهي.“

ڪامريڊ هوچي جي اپيل ڪانپوءِ ويٽنامي پيپڙ باهه جيان پڙڪو ڪائي اُٿي پيا، ان سورهيائي کي منظم ڪرڻ لاءِ گوريلا جنگ جي تربيت ۽ فوجي جٿن جي قيام واري ڪم کي تيز ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ ڪامريڊ هوچي نظرياتي ۽ انقلابي جاڻ ۽ پروپئگنڊا لاءِ ”آزاد ويٽنام“ نالي هڪ اخبار پڻ جاري ڪئي. 1941ع جي پڇاڙي تائين ڪامريڊ هوچي منهه ”روسي ڪميونسٽ پارٽي جي تاريخ“ ۽ سن زو (Sun Tzu) جو ڪتاب ”جنگ جو فن“ (The Art of War) جو ترجمو ڪيو ۽ گوريلا جنگ جي فن تي چند پمفليٽ لکيا. انقلاب کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ پنهنجي ساٿين ۽ همدردن جو دائرو وسيع ڪرڻ ۽ چين جي ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي ۽ ان جي ذريعي ماسڪو سان رابطو قائم ڪرڻ لاءِ ڪامريڊ هوچي جولاءِ 1942ع ۾ چين جو دورو ڪيو. پنهنجي روانگي وقت ڪامريڊ پاڻ تي هڪ نئون نالو هوچي منهه (روشني پکڙڻ وارو) رکيو. هي سندس آخري نالو هو. جنهن سان ڪامريڊ اڄ

پوري دنيا ۾ مقبول آهي.

چيني سرحد پار ڪندي، ”چيانگ ڪائي شيڪ“ جي فوجين ڪيس گرفتار ڪري جيل ۾ بند ڪري ڇڏيو ڇوته اهي ڪيس سڃاڻڻ ۾ ناڪام رهيا هئا. 15 مهينن تائين جيل ۾ گهٽ درجي وارن قيدين سان رهندڙ ڪامريڊ هوچي جيل جي سلاخن پٺيان شاعراڻي انداز ۾ جيل ڊائري لکي. جيل ۾ لکيل سندس آزاد نظم عظيم فن جا مظهر آهن، جيڪي دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجما ٿي چڪا آهن.

ڪامريڊ هوچي منهه، سيپٽمبر 1943ع ۾ جيل کان آزاد ٿي، ويٽنام پهتو. هتي آزادي جي تحريڪ جو ڳوٺن ۾ وڏو اثر هو، پر شهري محاذ بيحد ڪمزور هو. پارٽي ان سلسلي ۾ اهم قدم کنيا، خاص ڪري ويٽنامي ڪلچر جو پروگرام پيش ڪيو، ته جيئن ويٽنامي آرٽسٽ ۽ دانشور تحريڪ جو حصو ٿين. ٻئي طرف جنرل گياپ جي قيادت ۾ باغي ٽولن فرانسيسين کي ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيا هئا، هر روز ڪين مزاحمت کي منهن ڏيڻو پوندو هو.

جون 1944ع ڌاري عظيم روس، جرمني ۽ ٻين ڌاڙيل ملڪن کي شڪست جي ويجهو پهچائي چڪو هو. فرانس اندر سياسي ڇڪتاڻ به وڌي وئي هئي ۽ ٻئي طرف فرانس لاءِ جاپان، هند چين ۾ خطرو بڻجي سامهون آيو هو. ڪامريڊ هوچي منهه اجا چين ۾ ئي هو ته ملڪ جي ڪيترن ئي حصن ۾ هٿياربند جدوجهد تيزي سان شروع ٿي چڪي هئي. جولاءِ 1944ع ۾ ڪائو بانگ (Cao Bang) جي انقلابي ڪميٽي جي هڪ هنگامي اجلاس ۾ ڊگهي بحث کان

پوءِ گوريلا جنگ وڙهڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ان جي جاءِ ۽ تاريخ مقرر ڪرڻ لاءِ هڪ ٻي ميٽنگ ٿي، ان ميٽنگ ۾ ڪامريڊ هوچي چين کان ”ڪائو بانگ“ پهتو. ڪامريڊ هوچي نوجوان جنرل گياپ ۽ ٻين ساٿين کي تڏو ڪندي چيو تہ ”پُرامن انقلاب جو مرحلو گذري چڪو آهي، پر پُرامن بغاوت جو وقت بہ اجا ناهي آيو، ڇو تہ اسان جي قوت اجا تڙيل پکڙيل آهي.“

ڪامريڊ هوچي هدايت ڪئي تہ جنرل گياپ جي اڳواڻي ۾ هڪ آزادي جي برگيڊ قائم ڪجي، جنهن جو ڪم فوجي گهٽ ۽ سياسي وڌيڪ هجڻ کپي، تہ جيئن عوام ۾ سياسي سجاڳي اچي. جنرل گياپ کي الوداع ڪندي، سنهي آواز ۾ کيس ڪامريڊ هوچي چيو: ”خفيہ ڪارروائي، هميشہ خفيہ ڪارروائي، هميشہ اوچتو حملو ڪجي ۽ دشمن جي جوابي حملي کان پهرين پوئتي هٽي وڃجي.“

ڊسمبر 1944ع جي شروع ۾ ”ڪائو بانگ“ صوبي جي گهاٽي ٻيلي ۾ ويٽنام جي آزادي جي لاءِ هٿياربند پروپيگنڊا برگيڊ ٺاهي وئي ۽ ڪامريڊ هوچي منهہ ان وقت موجود 34 گوريلن کان حلف ورتو. گهاٽي جهنگ ۾ هن گوريلا فوج جي تشڪيل ۽ تربيت، ويٽنامي جنگجو تاريخ جو هڪ لافاني داستان آهي. هن برگيڊ جلد هٿياربند ۽ سياسي جدوجهد ڪندڙ يونٽن سان رابطو قائم ڪري ورتو. 24 ڊسمبر 1944ع ڌاري ويٽنامي انقلابي فوج، ڦائي ڪاٽ (Phai Khat) واري علائقي ۾ وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي، حملو ايڏو تہ سخت هو جو دشمن جا حوصلا خطا ٿي ويا ۽ اسلحو ڇڏي

پڇي ويا. ان ڪاميابي جي خبر وڄ جيان پوري ويٽنام ۾ پکڙجي ويئي، ان کان پوءِ ٽين ٿئاٿ (Thien Thuat) ۽ بائولاڪ (Bao Lac) جي علائقن ۾ وڏا حملا ڪيا ويا. انقلابي فوج ڪي عوام جي ساٿ سان وڏيون ڪاميابيون ۽ اسلحو هٿ آيو ۽ ٻئي طرف ڪميونسٽ پارٽي جي اڳڪٿي موجب فرانس ۽ جاپان پاڻ ۾ وڙهي پيا.

9 مارچ 1945ع تي جاپاني فاشسٽن فرانس کان ويٽنام جو اقتدار کسي ورتو ۽ وڏي تعداد ۾ فرانسيسين کي قيد ڪري ماري ڀڄائي ويٽنام مان ڪڍي ڇڏيو. ڪميونسٽ پارٽي کي اندازو هو تہ ويٽنام ۾ فرانسيسي ڊاڙيلن جا ڏينهن پورا ٿيڻ وارا آهن. پيرائتي چاڻ کي اڳيان رکي، پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي جي ٻہ ميٽنگ 9 مارچ 1945ع تي گهرائي وئي، تہ جيئن مستقبل لاءِ ڪا پاليسي ٺاهي سگهجي. ميٽنگ ان نتيجي تي پهتي تہ مقامي بغاوتن جو سلسلو تيز ڪيو وڃي ۽ جاپان خلاف مضبوط تحريڪ ٺاهڻ لاءِ فرانسيسي سپاهين کي ويٽنام جي مدد لاءِ چيو وڃي. ان دوران ويٽنامين ۽ جاپانين جي جنگي پاليسين جي نتيجي ۾ ويٽنام جي ڪيترن ئي علائقن ۾ ڏڪار جنم ورتو ان ڏڪار جي نتيجي ۾ ويهہ لک ويٽنامي موت جو شڪار ٿيا هئا.

ڏڪار سٽيل ماڻهن جي مدد لاءِ ۽ حالتن مان فائدو وٺڻ لاءِ پارٽي نعرو هنيو تہ. ”خوراڪ جي گدامن تي قبضو ڪيو وڃي ۽ عوام کي بک کان بچايو وڃي.“ اهو نعرو ڏاڍو مقبول ٿيو ۽ عوام کي

منظم ڪيو بئي طرف جنرل گياپ جي اڳواڻي ۾ هٿياربند پروپئگنڊا برگيڊ ۽ چو وان تان (Chu Van Tan) جي اڳواڻي ۾ ”قومي نجات جي فوج“ ويٽنام جي ڏاکڻي علائقي ۾ تيزي سان ڪاميابيون حاصل ڪرڻ لڳي ۽ انقلابي مرڪز قائم ڪيا هئا. اپريل 1945ع ۾ ”پاڪ بو“ ۾ ڪامريڊ هوچي ۽ گياپ جي ملاقات ٿي، بئي پنھنجي ڪاميابين تي خوش ٿيا ۽ سياسي صورتحال تي ڳالھين جي ڏي وٺ ٿي هئي. 4 جون 1945ع تي ڪامريڊ هوچي فيصلو ڪيو تہ انقلابي حڪمت عملي ۾ سڏارو آندو وڃي ۽ ڪين هڪ آزادي جي فوج جي تحت متحد ڪيو وڃي. فوجي تنظيمن جي فرضن جي ادا ڪرڻ لاءِ جنرل گياپ کي مقرر ڪيو ويو. ان ڪان سواءِ ڇھ آزاد ڪرايل صوبن باڪ ڪان، ڪائو بانگ، ٿائي نگوين، لانگ لُون، توين ڪوانگ ۽ هاگيا نگ جو عارضي آزاد دارالخلافت بڻايو وڃي ۽ هر سطح تي عوامي ڪميٽيون ٺاهيون وڃن.

عالمي صورتحال تيزي سان تبديل ٿي رهي هئي. 6 آگسٽ 1945ع تي آمريڪا جاپان مٿان ائٽم بم ڪيرائي، هڪ ڌڪ سان کيس ڪمزور ڪري ڇڏيو هو. وري 08 آگسٽ تي روس جاپان خلاف جنگ جو اعلان ڪيو ۽ بنا ڪنھن وڏي مزاحمت جي روس اتر اوير چين ۾ موجود سموري جاپاني فوج کي شڪست ڏيئي ڇڏي هئي. اهڙي ريت 15 آگسٽ تي جاپان روس ۽ ٻين اتحادي طاقتن اڳيان هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي مجبور ٿي پيو هو. عالمي سطح تي جاپان جي چيلھ ڀڳي ٿي چڪي هئي، پر ويٽنام جي سطح تہ اجا مضبوط

طاقت رکندڙ هو. ان طاقت کي ٽوڙڻ لاءِ 16 آگسٽ تي ”ٽائون ٽرايو“ جي جاءِ تي عوامي ڪانگريس ٿي، جنهن ۾ عام بغاوت ذريعي حڪومت تي قبضو ڪرڻ، آزاد ويٽنام لاءِ قومي جهنڊو، ترانو ۽ قومي آزادي جي مرڪزي ڪميٽي جو سربراهہ ڪامريڊ هوچي منهہ کي مقرر ڪرڻ جا فيصلا منظور ڪيا ويا. ڪانگريس جي پڄاڻي تي ڪامريڊ هوچي قوم کي اپيل ڪندي چيو تہ ”ويٽنامي جهنڊي هيٺ سڄي قوم بهادري سان جاپاني سامراج کي شڪست ڏي ۽ پنهنجو وطن آزاد ڪرائي.“

هن اپيل ڪان پوءِ سموري قوم ميدان تي اچي وئي، انقلابي فوج جا جٿا جهنگلن مان نڪري ميدان تي اچي ويا ۽ ڏڙاڏڙ ويٽنامي انقلابي ويڙهو جٿن ۾ شامل ٿي رهيا هئا. 19_20 آگسٽ تي ڪامريڊ جي ڪمانڊ هيٺ عوامي بغاوتن جو آغاز ٿيو. چند ڏينهن اندر سامراجي فوج کي ماري ڀڄائي، اسلحو ۽ گولا بارود حاصل ڪيو ويو ۽ ان ڪان سواءِ ”ويٽ منهہ“ جي دستن سمورن سرڪاري عمارتن تي پنهنجو ڪنٽرول سنڀالي ورتو هو. اهڙي طرح ڪجهہ ئي ڏينهن اندر انقلابي فوج پوري ويٽنام تي ڪنٽرول سنڀالي ورتو ۽ 29 آگسٽ تي حڪومت جي سربراهن ۽ وزيرن جو اعلان ڪيو ويو هو.

2 سيپٽمبر 1945ع تي 15 لک ماڻهن جي هجوم ۾ هڪڙو سنهڙو شخص ويٽنامي ويس ۾ پنهنجي ساٿين سان گڏ اسٽيج تي آيو، تہ هر طرف ”چاچو هو“ جون صدائون بلند ٿي ويون. چاچو هو

صدين جي غلامي جي خاتمي جي خوشخبري ٻڌائيندي، آزاد ويتنام جي قيام جو اعلان ڪندي چيو تہ:

”منهنجي ديس جا باشندو!! اڄ پنهنجو ويتنام آزاد ٿي چڪو آهي، انهن ظالمن کان، جن 80 سالن کان مٿي اسان کي غلام رکيو. ظلم، جبر ۽ ڏاڍ جا پهاڙ ڪيرايا. جن اسڪولن کان وڌيڪ جيل ٺهرايا. جن اسان جي بغاوتن جي ڪوشش کي رت جي درياهن ۾ تبديل ڪيو. جن اسان جي نئين نسل کي آفيم، شراب ۽ ٻين نشن ذريعي بيهوش ڪيو. جن معاشي ميدان ۾ رت چوسيو. اسان جي زمينن، فصلن، معدني وسيلن جي ڀيلاڙ ڪئي، ڇا ڇا نہ انهن فرانسيسي آدم خورن اسان سان ڪيو.“

ڪامريڊ هوچي جي ڏکهي تقرير کان پوءِ عبوري حڪومت قائم ڪرڻ جو فيصلو ٻڌايو ويو. جنهن ۾ ملڪ جو پهريون صدر ڪامريڊ هوچي منھ چونڊيو ويو هو. اهڙي طرح ڏکهي جدوجهد کان پوءِ انقلاب ويتنام جو پهريو ڏاڪو پنهنجي پڄاڻي تي پهتو هو.

انقلاب کان پوءِ استحصالي قوتن جي ڦرلٽ ۽ مسلسل ويڙھ سبب ملڪ جي معاشي صورتحال انتهائي ڇرڪائيندڙ هئي، ٻن صوبن ۾ 20 لک ماڻهو ڏڪار سبب مري چڪا هئا ۽ ٽئين صوبي ۾ وري ٻوڏ تباهي مچائي ڇڏي هئي. آزاد ويتنام جي حڪومت هڪ طرف معاشي ۽ سياسي مسئلن ۾ وڪوڙيل هئي، تہ ٻئي طرف سامراجي قوتون جيڪي انقلاب ويتنام کي ڪميونسٽ انقلاب سمجهي پنهنجي سامراجي مفادن جو خاتمو ڏسي رهيون هيون، اهي

هڪ دفعو ٻيهر ايرڻ لڳيون. آمريڪي سامراج، ويٽنام ۾ ڪميونسٽ حڪومت جي قيام جي حق ۾ نہ هو. سو آمريڪي سامراج جي اشاري تي چيني سامراجي ايجنٽ ”چيانگ ڪائي شيڪ“ اتر ويٽنام تي حملو ڪيو. جڏهن تہ ٻئي طرف ڏاکڻي ويٽنام جي هڪ شهر ۾ برطانوي فوج برطانيہ جي بدنام زمانہ جنرل گريسي (General Gracey) جي اڳواڻي ۾ داخل ٿي. هي فوج ظاهري طور جاپانين کان هٿيار کسڻ جي مهم جي بهاني سان داخل ٿي، پر اصل سامراجي مقصد فرانس کي خطي ۾ ٻيهر مضبوط ڪرڻ هو. ڪجهہ ئي هفتن اندر فرانس جنرل گريسي جي مدد سان ڏاکڻي ويٽنام جي ٻن صوبن تي ٻيهر قبضي جو آغاز ڪيو ۽ جنرل گياپ جي گوريلن ۽ سندن وچ ۾ شديد ويڙهہ شروع ٿي وئي. اهڙي طرح ويٽنام جو سڀ کان وڏو دشمن فرانسيسي ٻيهرڪيتي حملا آور هڪ دفعو ٻيهر سرگرم حملا آور ٿيو هو.

25 ڊسمبر 1945ع تي مرڪزي ڪميٽي اپيل جاري ڪئي تہ ”ويٽنامي عوام جو سڀ کان وڏو دشمن فرانسيسي ٻيهرڪيتي حملا آور آهي، تنهنڪري قوم جو بنيادي فرض آهي، تہ پنهنجي طاقت کي منظم بڻائي، فرانسيسي حملا آورن جو مقابلو ڪجي، اندروني غدارن جو خاتمو ڪجي ۽ عام معيار زندگي بهتر ڪجي.“

06 جنوري 1946ع تي ويٽنام ۾ چونڊون ٿيون. 02 مارچ تي قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ ڪامريڊ هوچي منهہ کي صدر مقرر ڪيو ويو هو. ٻئي طرف ”چيانگ ڪائي شيڪ“ بہ پنهنجي قبضي

۾ آيل ڏاڪٽي ويٽنام جو علائقو آمريڪا جي چوڻ تي فرانسيسي فوج جي حوالي ڪري ڇڏيو. ڪامريڊ هوچي هن دفعي ويڙهہ بدران امن جي موڊ ۾ هو ۽ 05 مارچ 1946ع تي سينٽرل ڪميٽي پنهنجي اجلاس ۾ فيصلو ڪيو تہ ”هن موقعي تي ملڪ جي حفاظت ڪرڻ جو بهترين طريقو هي آهي تہ امن قائم ڪيو وڃي، نہ ڪي پلن کي ساڙيو وڃي. جيڪڏهن فرانس سان امن جو معاهدو ٿي وڃي ٿو تہ سموريون مشڪلاتون ختم ٿي وينديون.“

ان موقعي تي ڪامريڊ هوچي چيو تہ ”ويڙهہ ڪرڻ کان بهتر آهي، تہ ذهانت جو مظاهرو ڪندي گفتگو ڪجي.“ ڪامريڊ پنهنجي تقرير هنن جملن تي ختم ڪئي تہ ”مون سموري زندگي ملڪ جي آزادي ۽ جدوجهد ۾ گذاري آهي. توهان ڄاڻو ٿا تہ آئون غلامي کان موت کي ترجيح ڏيندس.“ ڪامريڊ جي جذباتي تقرير کان پوءِ باغي ويٽنامين امن جي معاهدي کي قبول ڪيو. 22 جون 1946ع تي ڪامريڊ هوچي پئرس لاءِ روانو ٿيو. اتي جي حڪومت ڪامريڊ کي صدارتي پروٽوڪول ڏنو. امن جي سلسلي ۾ ميٽنگون ٿيون. ڊگهي ياترا کان پوءِ ڪامريڊ مسلسل هڪ سال تائين مسئلي جي پُرامن حل لاءِ جدوجهد ڪندو رهيو. پر آمريڪا سامراج جو پٺو فرانس پنهنجي هوڏ تي قائم رهيو. نتيجي ۾ ٻيهر انقلابي ميدان تي اچي ويا هئا. 20 ڊسمبر 1946ع تي هڪ اعلان جاري ٿيو.

”هم وطنو!! امن جي جذبي سان ٿمتار اسان تمام گهڻيون رعايتون ڏنيون، پر هر رعايت جو فرانسيسين غلط فائدو ورتو ۽ اسان

جي حقن تي ڌاڙو هنيو. ملڪ کي انهن جي حوالي ڪرڻ ۽ ٻيهر غلامي جي غار جي ذلت ۾ پوڻ کان سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ بهتر آهي. هم وطنو!! جنهن وٽ رائفل آهي، اهي رائفلون استعمال ڪن، جن وٽ تلوار آهي، اهي تلوارون استعمال ڪن. جن وٽ تلوار به ناهي، اهي ڪهاڙيون ۽ ڏنڊا کڻن. چاهي اسان کي سخت کان سخت مشڪلاتن ۽ بدترين مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي، پر هر قرباني لاءِ تيار رهڻو پوندو. فتح اسان جي ٿيندي.“

ويٽنامي انقلابي هڪ دفعو ٻيهر جنگي مورچن تي اچي ويا، پر هن دفعي انقلابين جي لاءِ وڏي خبر اها هئي جو ايشيا جي سڀ کان وڏي ملڪ چين جي گادي ڪميونسٽن جي قبضي ۾ اچي چڪي هئي. جڏهن جون 1949ع تي هڪڙو سابق ڪٺ پتلي بادشاهه بائو دائي (Bao Dai) کي ٻيهر فرانس جو بادشاهه بڻايو ويو. ته عوامي جمهوريه چين، روس ۽ ٻين سوشلسٽ ملڪن کيس تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. ٻئي طرف 18 جنوري 1950ع تي جڏهن چين جي انقلابي حڪومت ڪامريڊ هوچي جي حڪومت کي تسليم ڪرڻ ۽ ساڻس سفارتي تعلقات قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ته ان بدلجندڙ صورتحال سامراجين کي منجهائي ڇڏيو ٻئي طرف مختلف محاذن تي انقلابين ۽ سامراجين جي ويڙهه جاري هئي.

ڊسمبر 1953ع تي پارٽي فيصلو ڪيو ته ويٽنام ۾ فرانس جي مضبوط ڇانوڻي ڊين بين ڦو (Dien Bien Phu) کي فتح ڪجي.

فتح جي ڪمانڊ جنرل گياپ کي ڏني وئي، سندس ڪمانڊ هيٺ 70 هزار هٿياربند انقلابين انتهائي مهارت سان مارچ 1954ع تي "ڊين بين ڦو" جو گهيرو ڪيو. "ڊين بين ڦو" جي جابلو سلسلي ۾ سرخ گوريلن هڪ نئين تاريخ رقم ڪئي ۽ وڏي جفاڪشي سان 200 کن توپون جبلن تي پهچايون هيون. فرانسيسي فوج جا ان وقت هوش ئي خطا ٿي ويا، جڏهن جبلن مان توپن جا گولا فائر ٿيا هئا. اها ويڙهه لڳ ڀڳ 55 ڏينهن شدت سان جاري رهي ۽ 07 مئي 1954ع تي "ڊي بين ڦو" جي سامراجي ڪئمپ تي انقلابين ڳاڙهو جهنڊو ڦڙڪايو هو.

هن مورچي تي 16هزار کان وڌيڪ سامراجي سپاهي موت جو کاڄ ٿيا هئا. ويٽنامي انقلابين جي "ڊين بين ڦو" واري سوڀ آمريڪا سامراج کي پريشان ڪري ڇڏيو هو ۽ آمريڪا خطرناڪ بمباري جو پلان ويٽنام لاءِ سوچيو. پر ٻين سامراجي ملڪن سندن ساٿ نه ڏنو هو.

ٻئي طرف ويٽنام جي مسئلي کي نبيرڻ لاءِ جنيوا ۾ عالمي ملڪن جي ڪانفرنس شروع ٿي چڪي هئي، جنهن ۾ فرانس کان سواءِ سوشلسٽ ملڪن ۽ سامراجي ملڪن شرڪت ڪئي هئي. 75 ڏينهن جاري ڪانفرنس کان پوءِ 31 جولاءِ 1954ع تي فرانس ۽ ويٽنام امن معاهدي تي صحيحون ڪيون. هن معاهدي تحت ويٽنام کي عارضي طور تي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪيو ويو. اتر ويٽنام جو علائقو ڪامريڊ هوچي منهه جي حوالي ڪيو ويو ۽ ڏاکڻي

ويٽنام آمريڪي ڇاڙتو رجعت پسند بادشاهه نگو ڏنهه ڏئيم (Ngo Dinh Diem) جي حوالي ڪيو ويو.

واضح رهي تہ جڏهن آمريڪين محسوس ڪيو تہ فرانس خطي مان نڪرڻ چاهي ٿو، تہ هڪ سازش تحت آمريڪا، فرانس نواز بادشاهه ”بائو دائي“ کي پري ڪري سندس ڪٽر مخالف ”ڏئيم“ کي وزير اعظم مقرر ڪرايو. ان ڪان سواءِ مسئلي کي هميشه حل ڪرڻ جي سلسلي ۾ ٻن سالن ڪان پوءِ قومي اليڪشن جي ذريعي حل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. معاهدي ۾ هڪ بين الاقوامي ڪميشن جو بہ اعلان ڪيو ويو جنهن کي جنگ بندي، فوج جي واپسي ۽ چونڊن جي نگراني وارو ڪم سونپيو ويو هو. جنيوا ٺاهه کي فرانس ۽ برطانيہ قبول ڪيو پر پوءِ بہ ٻئي ٺاهه جي مخالفت ڪندا رهيا، جڏهن تہ آمريڪا ٺاهه تي صحيح ئي ڪانہ ڪئي هئي. ٻئي طرف آمريڪي ڇاڙتي ”ڏئيم“ پنهنجي آقا جي اشاري تي ڏکڻ ويٽنام ۾ ظلم جي هڪ نئين تاريخ رقم ڪئي، خطي ۾ قومي سورمن جي يادگارن کي ڊاهيو ويو ۽ ڪميونسٽن جي ڪوس جي هڪ فوجي مهم شروع ڪئي وئي.

آمريڪا پوري دنيا ۾ پنهنجي ساٿي ملڪن، جنهن ۾ برطانيہ، فرانس، آسٽريليا، فلپائن، نيوزيلينڊ، هالينڊ ۽ پاڪستان سان ملي، 08 سيپٽمبر 1954ع تي هڪ ڪميونسٽ دشمن تنظيم سيٽو (South East Asian Treaty Organization) قائم ڪئي، تہ جيئن دنيا ۾ وڌندڙ ڪميونسٽ تحريڪن جو مقابلو ڪري

سگھجي. آمريڪا، ڏکڻ ويٽنام جي حڪومت کان پڇڻ کانسواءِ ڪيس سيٽو جو ميمبر ڪري ڇڏيو هو. اها جنيوا ٺاهہ جي ڀڃڪڙي هئي، ڇو تہ هن ٺاهہ موجب اتر ۽ ڏکڻ ويٽنام ڪنهن بہ فوجي ٺاهہ جو حصو نہ پئي ٿي سگھيا. ان کان سواءِ ٺاهہ جي ڀڃڪڙي ڪندي، فرانس جنگي قيدي اتر ويٽنام جي حڪومت جي حوالي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ٺاهہ موجب جولاءِ 1956ع ۾ ٿيندڙ چونڊ لاءِ، جولاءِ 1955 تي گڏجي صلاح مشورو ڪري ڪانفرنس ڪرڻي هئي، پر آمريڪي ڇاڙتي "ڏئيم" چونڊون ڪرائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، ڇاڪاڻ تہ آمريڪا سامراج کي ڏپ هو تہ چونڊون ٿيون تہ ويٽنام هڪ ٿي ويندو ۽ ڪامريڊ هوچي جو مقابلو ڪرڻ ممڪن ئي ڪونهي ۽ ڏکڻ ويٽنام کي ڪميونزم خلاف اڏو بنائڻ جو پلان ناڪام ٿي ويندو.

آمريڪي ڇاڙتي "ڏئيم" ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ڪميونسٽن جي ڪوس جو سلسلو عام ڪيو ۽ سوشلسٽ حڪومت، جيڪي جاگيرون هارين ۾ ورهايون هيون، اهي واپس ورتيون ويون. مطلب تہ هر طرف ظلم جي بازار گرم هئي. چونڊن جي تاريخ جڏهن ويجهو آئي، تہ آمريڪي وزير چيو تہ، "ڪميونسٽن اتر ويٽنام جي گوريلن کي ڏکڻ ويٽنام جي فوج ۾ شامل ڪيو آهي، ملڪ ۾ امن امان جون حالتون خراب آهن، تنهنڪري چونڊون نہ ٿي سگھنديون." هي اعلان جنيوا ٺاهہ جي سرعام ڀڃڪڙي هئي، پر عالمي ڪنٽرول ڪميشن جي وس ۾ اختيار نہ هئا، جو اها فيصلن تي عمل ڪرائي

سگهي. ڪميشن اها به شڪايت ڪئي هئي ته، آمريڪا جديد ترين جنگي هٿيارءِ وڏي تعداد ۾ فوج ڏکڻ ويٽنام موڪلي آهي.

اهڙي ريت آمريڪا، ڏکڻ ويٽنام کي مڪمل طور پنهنجي ڄار ۾ وڪوڙي ڇڏيو هو. ٻئي طرف ڪميونسٽ پارٽي جي اڳواڻي ۾ اتر ويٽنام سوشلزم تحت وڏيون ڪاميابيون حاصل ڪري رهيو هو. ڪامريڊ هوچي منهه جي انقلابي حڪمت عملي موجب، اتر ۽ ڏکڻ ويٽنام لاءِ به مختلف پاليسيون ناهيون ويون، جن جو هڪ ٻئي سان گهرو لاڳاپو هو. ملڪ جي اترئين ڀاڱي کي ڏکڻ ويٽنام ۾ انقلاب لاءِ مضبوط ترين نڪاٽو بڻايو ويو هو. ان ڪانسواءِ قومي عوامي جمهوري انقلاب جو بنيادي فرض زرعي سڌارا آڻڻ هو. سو ان ڪم لاءِ پارٽي هزارين ورڪرن کي منظم ڪيو ۽ زرعي سڌارن کي نهايت اثرائتي نموني اڳتي وڌايو. 1957ع تائين ملڪ ۾ زرعي سڌارن وارو ڪم گهڻي ڀاڱي مڪمل ٿي ويو هو. 8 لک 10 هزار ايڪڙ زمين جاگيردارن کان ڦري هارين ۾ ورهائي وئي هئي. ڪامريڊن ثابت ڪري ڏيکاريو هو ته ملڪ جو سچو مالڪ هاري عوام آهي. زرعي سڌارن کان پوءِ معيشت جو ڪاتو ڏينهون ڏينهن مضبوط ٿيڻ لڳو هو. اهڙي طرح انقلابين جو ويٽنام، زرعي ۽ صنعتي طور ڏکيون ٻرانگهون ڏيئي، هڪ نئين انقلابي ڏاڪي تي پهچي چڪو هو.

23 جنوري 1957ع تي قومي اسيمبلي جي صدر ڪامريڊ هوچي منهه جي اڳواڻي ۾ هڪ آئين سڌار ڪميٽي ناهي وئي ۽ ڏکي سوچ ويچار کانپوءِ 31 ڊسمبر 1959ع تي قومي اسيمبلي

ملڪ جو پهريون سوشلسٽ آئين منظور ڪيو. جڏهن تہ ڏکڻ ويٽنام، جيڪو آمريڪي سامراج جو اڏو هو، اتي ڪميونسٽن جو ڪوس جاري هو. وڏي تعداد ۾ عوام کي ڪميونسٽ هجڻ جو ليبل هڻي، اذيت گاھ جهڙين ڪئمپن ۾ بند ڪيو پئي ويو. 1958ع جي آخر ۾ ”ڦولوئي“ جي بدنام زمانہ جيل ۾ هزارين انقلابين کي زهريلو کاڌو کارائي ماريو ويو ۽ ڊسمبر ۾ حڪومت جي اذيت گاهن ۾ ڪيترائي ماڻهو قتل ڪيا ويا هئا. هنن واقعن کان پوءِ ڏکڻ ويٽنام ٻري اُٿيو هو.

1959ع جي شروعاتي ڏهاڪي ۾ باغي ويٽنامين، آمريڪي سامراج ۽ سندس چاڙتي خلاف ڏگهي جدوجهد جو آغاز ڪري ڇڏيو. جولاءِ 1959ع ۾ ڏکڻ ويٽنام جي باغي عوام ۽ ڊئيم سرڪار جي وچ ۾ خوني جهڙپون ٿيون، اڳتي هلي انقلابين جي قيادت ۾ هڪ عوامي بغاوت جنم ورتو. عوام ننڍڙن ننڍڙن هٿيارن، ڪهاڙين ۽ لٺين سان مهاڏو اٽڪايو ۽ ظالم رياستي مشينري کي تباھ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. نون آزاد ڪرايل علائقن ۾ عوامي ڪميٽيون ناهيون ويون، تہ جيئن پنهنجي حڪومت قائم ڪري سگهجي. اها عوامي بغاوت ڪيترن ئي صوبن تائين پکڙجي وئي، جنهن آمريڪا سامراج ۽ سندس چاڙتي حڪومت جون متون منجهائي ڇڏيون هيون.

20 ڊسمبر 1960ع ۾ ”پاڪ بو“ جي هڪ آزاد علائقي ۾، ڏکڻ ويٽنام ۾ پابندي پيل هارين، مزدورن، دانشورن ۽ شاگرد تنظيمن جي

ھڪ ڪانگريس ٿي، جتي ”ڏکڻ ويٽنام جو قومي آزادي جو فرنٽ“ (National Liberation Front of South Vietnam) جوڙيو ويو. جنھن جو ڏھ نقاطي پروگرام بہ منظور ڪيو ويو. جنھن ۾ مرڪزي نقطو آمريڪي سامراجيت ۽ ان جي ڇاڙتي حڪومت کان آزادي ۽ پُرامن ويٽنام جو قيام ھو. ھن تنظيم اڳتي ھلي، عوامي فوج جي شڪل اختيار ڪئي، جنھن کي ”ويٽڪانگ“ سڏيو ويو ھو. آزادي جو سياسي فرنٽ ۽ ويٽڪانگ ھرروز نيون ڪاميابيون ماڻيندي اڳتي وڌندو رھيو ۽ آزادي فرنٽ جا تيزي سان شھرن ۽ ڳوٺن ۾ يونٽ ٺاھيا ويا ھئا. اھڙي طرح ھاڻي سڄي ڏکڻ ۾ آزادي جي ھلچل زور تي ھئي. ھاري ۽ مزدور ڏينھن جو روزگار ۽ رات جو ويٽڪانگ گوريلن سان آزادي جي سرگرمين ۾ حصو وٺندا ھئا. عوام دوست پاليسين سبب ھر جاءِ تي گوريلا منظم ۽ مضبوط ٿيندا پئي ويا ۽ گوريلن ھاڻي شھرن جو ڪنٽرول سنڀالڻ شروع ڪيو ھو. عوام جي مدد سان انقلابي گوريلن جنوري 1963ع ۾ سائگان (Saigon) (گادي) کان 60 ڪلوميٽرن جي پنڌ تي ھڪ وڏو حملو ڪيو ۽ طاقتور سرڪاري فوج کي وڏو نقصان پھتو ۽ ھزارين سرڪاري فوجي اچي عوامي فوج ۾ شامل ٿي ويا ھئا.

1963ع جي آخري مھينن تائين ”ڊئيم“ حڪومت ڏاکڻي ويٽنام جي ھڪ محدود حصي تائين پھچي چڪي ھئي، جڏھن تہ ان وقت 16 ھزار کان وڌيڪ آمريڪي فوج پنھنجي جديد ترين

هٿيارن سان سرڪاري فوج سان گڏ بيٺل هئي. اها روز شڪستن مٿان شڪستون ۽ گوريلن جي حمايت ۾ اضافو ڏسي مجبورجي پئي ۽ گوريلن سان نبيرڻ لاءِ مختلف پلان جوڙڻ لڳي. نومبر 1963ع تي آمريڪا پنهنجي چاڙتي "ڊئيم" کي هڪ سازش ذريعي مارائي ڇڏيو. سندس جاءِ تي هڪ فوجي جنرل "وان ٿيو" کي مقرر ڪيو ويو. "ويٽڪانگ" کي شڪست ڏيڻ لاءِ آمريڪا پنهنجي قبضي هيٺ آيل ويٽنام کي فوجي ڪئمپ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو. سڄي آبادي جا سٺ سيڪڙو ماڻهو 6 هزار ڪئمپن ۾ قيد هئا، سندن اصل ڳوٺن کي ساڙيو ويو هو. فقط انهي ڪري ته اهي گوريلن کي پناهه ڏين ٿا ۽ سندن آرمي ۾ ڀرتي ٿين ٿا. فوجي ڪئمپن ۾ قيد ويٽنامين تي اذيت جون نيون تاريخون جوڙيون وينديون هيون. هڪ اندازي موجب، فوجي اذيتگاهن ۾ 1962ع ۾ 40 هزار ۽ 1963ع ۾ 3 لک ويٽنامي قتل ٿي ويا هئا.

آمريڪي بربريت خلاف 1964ع جي پڇاڙي ۾ لکين ماڻهن سائگان ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ مظاهرا ڪيا هئا. ان سان گڏ وڳڏ عوامي فوج ۽ سرڪاري فوج ۾ دوبدو هڪڙو مقابلو ٿيو هو. ڇهن ڏينهن تائين جاري رهندڙ ويڙهه ۾ سرڪاري فوج جون ٻه بٽالون، 37 هوائي جهاز ۽ بڪتر بند گاڏيون تباهه ڪيون ويون هيون. هن وڏي مقابلي کان پوءِ عوامي فوج "بنهه گيا" جو علائقو مڪمل فتح ڪري ورتو هو.

اهڙي تنگ ٿيندڙ صورتحال ڪانپوءِ 1965ع تائين آمريڪي

سامراج جي فوج جو ڏڪڻ ويٽنام ۾ تعداد 5 لک تائين پهچي چڪو هو. ويٽنامي ڇاڙتي حڪومت جي فوج ملائجي تہ ڪل فوج جو تعداد 15 لک جي ويجهو هو. وٽن هر قسم جو جديد ترين هٿيار ۽ بارود هو. پر اها جديد ترين فوج ۽ فوجي هٿيار ۽ بارود ”ويٽڪانگ“ جي باغين کي جهڪائي نہ سگهيا هئا. آگسٽ 1965ع ۾ ويٽنام جي علائقي ”وان ٽونگ“ ۾ باغين جي هڪڙي يونٽ آمريڪا جي 8 هزار فوجين جي حملي کي ناڪام بڻايو هو.

ان کان پوءِ گوريلن ۾ ويساهہ وڌيو. تہ ٻئي طرف آمريڪي فوج اجا وڌيڪ ڇتي ٿي پئي هئي ۽ هن هڪ خطرناڪ پلان جو آغاز ڪيو. ”تلاش ڪريو ۽ تباهہ ڪريو.“ ان لاءِ ٻہ لک آمريڪي فوجين، 1965ع جي پڇاڙي وارن ڏينهن ۾ باغين مٿان وڏو حملو ڪيو جيڪو ناڪام ٿيو ۽ سامراجي فوج کي ذلت سان ڀريل شڪست ملي هئي. آمريڪا سامراج هنن شڪستن کان پوءِ وڌيڪ ڇتو ٿيو ۽ ڀرپور محسوس ڪرڻ لڳو هو تہ اتر ويٽنام ڏاکڻي حصي لاءِ انقلاب جو اڏو بڻجي ويو آهي، تہ آمريڪا سامراج اتر ويٽنام تي جهازن ذريعي شديد بمباري ڪئي. هڪ اندازي موجب، اتر ويٽنام تي هر منٽ ۾ ڏيڍ ٽن وزني بم ڪِري رهيا هئا. اهڙي شديد بمباري ٻي عالمي جنگ ۾ آمريڪا سڄي يورپ تي بہ ڪانہ ڪئي هئي.

اهڙي وحشت باوجود، اتر ويٽنام جو عوام ٻجي ويڃڻ بدران هڪ دفعو ٻيهر پنهنجي محبوب رهنمائن جي قيادت ۾ ميدانِ جنگ

تي اچي ويو هو. ڪامريڊ هوچي عوام کي اپيل ڪندي چيو تہ، ”آمريڪي بربريت کي شڪست ڏيڻ لاءِ تيار ٿي وڃو. ممڪن آهي تہ جنگ پنج ڏهہ يا ويهہ سال هلي، ”هائي ڦونگ“ ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ وڏي محنت سان جوڙيل ڪارخانا ۽ ٻيا ادارا تباهہ ٿي وڃن، پر ويٽنامي عوام جا حوصلا ڪڏهن بہ نہ گهٽجن. آزادي ۽ خودمختياري کان وڌيڪ ٻيو ڪجهہ بہ مقدس ناهي. فتح کان پوءِ اسان پنهنجي ملڪ جي نئين سر تعمير ڪنداسين.“

اهڙي ريت ڪامريڊ هوچي، فتح حاصل ڪرڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪم آڻڻ جي پاليسي هڪ دفعو ٻيهر دهرائي، ”همت ڪري آمريڪي جهازن کي ڪيرايو. پيداوار وڌايو. ٻيلن ۾ اسڪول کوليو ۽ آخري رت جي ڦڙي تائين ويڙهہ ڪريو.“ هن نعري تحت هزارين ويٽنامي ٻيهر ميدان تي آيا هئا. آمريڪي جنگي جهازن جهڙي ريت ڏينهون ڏينهن پنهنجي حملن ۾ شدت برپا ڪئي، ساڳي ريت ويٽنامي گوريلا جنگي جهازن جي رفتار سان اڳيان آيا. 30 جنوري 1968ع تي آزادي فوج پنهنجي مقدس تهوار تي رات جي پهر ۾ هڪ ئي وقت 20 کن شهرن، ڳوٺن ۽ فوجي جاين تي اوچتو زبردست شدت سان حملا شروع ڪري ڏنا. جنهن ۾ آمريڪي سفارت خانو، صدارتي محل، سرڪاري هيڊ ڪوارٽر ۽ پوليس جون وڏيون جايون شامل هيون. هنن منظم حملن کان پوءِ انقلابي گوريلن 2 هزار کان مٿي قيدي آزاد ڪرايا. دشمن جي 6 لک 30 هزار فوج بيڪار ٿي وئي، جن ۾ 2 لک 30 هزار آمريڪي ۽ سندس ڇاڙتن ملڪن جي

فوج شامل هئي. اهڙي طرح سموري سامراجي فوج انتشار جو شڪار ٿي وئي ۽ دفاعي پوزيشن تي اچي بيٺي هئي. هڪ اندازي موجب، 1968ع تائين رڳو اتر ويٽنام ۾ 3243 آمريڪي جنگي جهاز تباهه ٿي چڪا هئا، ان ڪان سواءِ هزارين سپاهي مارجي چڪا هئا. هنن حملن آمريڪي سامراج کي لوڏي ڇڏيو هو، هو پنهنجي جنگي پاليسي تبديل ڪرڻ تي مجبور ٿي پيو ۽ امن جو ڍونگ رچائڻ شروع ڪيائين.

31 مارچ 1968ع تي آمريڪا، اتر ويٽنام تي بمباري گهٽائڻ ۽ گفتگو ڪرڻ تي راضي ٿيو. اتر ويٽنام اها آڇ قبولي ۽ مئي 1968ع کان پئرس ۾ امن گفتگو شروع ٿي، پر دوران گفتگو آمريڪي بمباري جاري هئي. جڏهن آمريڪي نئون چونڊجي آيل صدر رچرڊ نڪسن پنهنجي مرضي موجب ناهه ڪرڻ چاهيو، ته ڪامريڊ هوچي 20 جولاءِ 1969ع تي قوم کي خطاب ڪندي چيو ته، ”آمريڪي سامراج اسان تي انساني تاريخ جي انتهائي ظالماڻي جنگ مڙهي آهي. آمريڪي عوام سان غداري ڪندي، نڪسن اسان جي ملڪ جي ڏاکڻي حصي ۾ پنهنجي ڏاڍ مڙسي قائم ڪرڻ لاءِ جنگ ڪري رهيو آهي.“

ڪامريڊ هوچي قوم کي ويڙهه ۽ آزادي جو اتساهه ڏياريندي وڌيڪ چيو ته، ”وطن سان پيار ڪندڙ منهنجي ديس جا سورمو! انقلابي تيارين سان اڳتي وڌو. آمريڪي بربريت کي شڪست ڏيو. سوڀ ويٽنامي عوام جي ٿيندي.“ هن خطاب کان پوءِ عوام ۾

جدوجهد جو ويساهہ وڌيڪ مضبوط ٿيو. ان جو اندازو توهان هن ڳالهہ مان لڳائي سگهو ٿا، تہ اتر ويٽنام ۾ انقلابين جي ساڍا اٺ لک فوج ۾ چاليهہ سيڪڙو عورتون هيون.

1969ع جي شروعاتي مهينن ۾ انقلابين جا ”اوچتو حملن“ سان گڏ ”باقاعده حملا“ شروع ٿي ويا، ڇهن مهينن اندر دشمن جا وڌيڪ ٽي لک سپاهي ڪي گرفتار ٿيا، ڪي مري ويا هئا، جن ۾ هڪ لک 45 هزار آمريڪا ۽ ان جي ڇاڙتن ملڪن جي فوج هئي. 06 جون 1969ع تي ”ويٽڪانگ“ ۽ ”سياسي فرنٽ“ ڏاکڻي ويٽنام ۾ عارضي حڪومت جي قيام جو اعلان ڪيو. هن اعلان کان پوءِ آمريڪا سامراج اتر کان ڏکڻ ويٽنام ۾ بمن جا مينهن وسايا، هڪ اندازي موجب اتر ۽ ڏکڻ ويٽنام جي ساحلي علائقن ۾ رڳو 1968ـ69ع ۾ 20 لک ٽن کان مٿي بارود وسايو ويو پر سامراجي ويٽنامين جي حوصلي، بهادري ۽ جرئت کي جهڪائي نہ سگهيا. آزادي جي جنگ هلندي 03 سيپٽمبر 1969ع واري ڏينهن تي صبح 09 وڳي مارڪس ۽ لينن جي رستي جو پانڌيئڙو، ويٽنامي پورهيتن جو رهبر، ويٽنامي آزادي جي تحريڪ جو سرواڻ ۽ سمورين مظلوم قومن جو هيرو ڪامريڊ هوچي منهہ، جنهن کي ويٽنامي پيار مان ”چاچا هوچي“ چوندا هئا، 69 سالن جي ڄمار ۾ دل جي دوري سبب وفات ڪري ويو.

ڪامريڊ جي وفات تي آمريڪي سامراج ۽ سندس ڇاڙتا سمجهڻ لڳا تہ هاڻي ويٽنامي پنهنجي رهبر جي جسماني طور نہ

هجڻ ڪري انتشار جو شڪار ٿيندا. سندن تحريڪ ڪمزور ٿي ويندي. پر اها سندن ڀُل هئي، ڇو تہ ڪامريڊ هوچي منهہ پنهنجي پويان لاتعداد دلير، سجاڳ، فولادي، وسيع سوچ رکندڙ انقلابي پيدا ڪري ويو هو. جن سندس تعليم ۽ وصيت (جدوجهد جاري رهي، ايستائين جيستائين دشمن وٽ توهان جي زمين جو هڪ انچ بہ باقي هجي) جي سٽ سٽ تي عمل ڪندي، تاريخي ڪاميابيون حاصل ڪري، چار سالن اندر هڪ جابر سامراجي طاقت کي شڪست ڏئي ”انقلاب ويٽنام“ آندو. ويٽنام جي انقلاب سڄي دنيا جي هارين مزدورن کي سبق سيکاريو تہ جيڪڏهن توهان بہ پيڙهيل، ستايل ۽ اٽيپڙهيل آهيو، پر توهان دلير آهيو ۽ توهان جا عزم فولادي آهن، تہ پوءِ دنيا جي وڏي ۾ وڏي جابر ۽ ظالم طاقت کي بہ شڪست ڏئي سگهو ٿا.

❑

